ڪلام عثمان فقير سانگي

مرتب

ڊاڪٽر نواز علي شوق

شاهه نصير الدين ادبي ۽ ثقافتي ڪاميٽي
نوشهرو فيروز
2004

ڪلام

عثمان فقير سانگي

مرتب

ڊاڪٽر نواز علي شوق

ڊيجيٽل ڪمپوزنگ

فقير طارق حيات لاشاري

شاهه نصير الدين ادبي ۽ ثقافتي ڪاميٽي

نوشهرو فيروز

2004

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب	: ڪلام عثمان فقير سانگي
مرتب	: ڊاڪٽر نواز علي شوق
ڇاپو	: پهريون
سال	: مئي 2004ع
تعداد	: هڪ هزار
ڪمپوزگ	: فقير طارق حيات لاشاري
رابطو	: tariq.lashari@gmail.com

Kalam Usman Faqir Sangi

Compiled by: Dr. Nawaz Ali Shouq

Digital Composing: Faqir Tariq Hayat Lashari

Published by: Shah Nasir Literary and Cultural Committee, Noushero Feroz

Year: 2004

پـ اڪـــر

هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ عثمان فقير سانگي ۽ خوش خير محمد هيسباڻيءَ کي سندي توڙي سرائڪي ڪافيءَ ۾ اعليءَ مقام حاصل آهي. عثمان فقير عارف عبدالحي نقشبندي جو طالب هو. خوش خير محمد هيسباڻي سندس دوست هو. هيسباڻي فقير کي عثمان فقير سانگي سائين عبدالحي ٻنهي طالبن کي تمام گهڻو پيارو گهرندو هو. سندس نظر فيض اثر سبب ٻئي طالب جاڙا چند ٿي چمڪڻ لڳا. سندن سهڻي شاعري سنڌ جي هر وستي ۽ واهڻ کي واسي ڇڏيو.

خوش خير محمد جو ڪلام ڊاڪٽي تنوير عباسي مرحوم وڏي محنت ۽ محبت سان تيار ڪيو. جيڪو ادبي بورڊ ڇاپي پڌرو ڪيو. پر عثمان فقير تي ڪو معياري ڪم ٿي نہ سگهيو آهي. ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ کي آفرين آهي جو هن عثمان فقير جو ڪلام ڪنو ڪري ڇپرايو. پر ان ڪتاب ۾ هڪ تہ ڪلام ٿورو هو ۽ ٻيو تہ ان ۾ کي نقص رهجي ويا هئا، تنهن ڪري اهو ضروري هو تہ عثمان فقير جو ڪلام نئين سر سڌاري سنواري ڇپرايو وڃي. اهو ئي سبب آهي جو مون مختلف بياض ٻيٽي هيءُ ڪتاب تيار ڪيو آهي. پر هيءَ تحقيق ٻہ حرف آخر نہ آهي ڇو تہ عثمان فقير جهڙي عظيم صوفي شاعر تي اڃا وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي. خاص طور سندن سوانح حيات بابت تفصيلي معلومات ڏيڻ ۽ گم ٿيل ڪلام گڏ ڪرڻ تمام ضروري آهي.

عثمان فقير جي ڪلام ۾ جو ڪو ڪلمي مسودو نظر نہ آيو. تنهن ڪري مختلف بياضن تان ميڙي چونڊي ڪري مسودو تيار ڪيم. ان سلسلي ۾ هينيان بياض گهڻو مددگار ثابت ٿيا.

1. بياض خوشيرام سودائي: مملوڪ ميان غوث محمد گوهر پيرزادو، ميان صاحب مهرباني ڪري ان جي فوٽو ڪاپي موڪلي ڏني.
2. ابڙان جي سيدن وارو بياض: ان بياض جي فوٽو ڪاپي محترم بشير احمد هيسباڻي موڪلي ڏني.
3. مرحوم الله بخش انصاريءَ جي توسط سان لاڙڪاڻي جي هڪ همراهہ وٽان هڪ نوٽ بڪ مليو، جنهن ۾ ويهارو ڪن ڪافيون قلمبند ٿيل هيون.

4. موسيٰ فقير سومري وارو بياض: هن بياض تا محترم خادم عباسي عثمان فقير جون ڪافيون نقل ڪري موڪليون.
5. بياض غوث علي شاھ رضويؒ مملوڪ رضوي سادات روھڙي، ان بياض تان سائين عبدالحسين شاھ موسوي عثمان فقير جون ڪافيون نقل ڪري مون کي آڻي ڏنيون.
6. بياض سيد نواب علي شاھ سڪايل: مملوڪ سيد عبدالحسين شاھ موسوي.
7. بياض چمن بينظير: مملوڪ محترم علي انور خان مهر.

ان کان علاوه پنهنجي ذاتي ڪتب خاني ۾ موجود ڪافي جي بياضن جو مطالعو ڪري، انهن مان عثمان فقير جون ڪافيون نقل ڪيم. اهڙيءَ ريت هيءُ ڪتاب تيار ڪري پڙهندڙ آڏو پيش ڪري رهيو آهيان. محترم علي گل سانگي هڪ ملاقات دوران ٻڌايو هو تہ عثمان فقير جو تمام گھٽو ڪلام هو. جيڪو 1942ع واري ٻوڏ ۾ ضايع ٿي ويو. پر، پوءِ بہ ڳولا ضرور ڪرڻ گھرجي. جنهن دوست وٽ عثمان فقير جو وڌيڪ ڪلام موجود هجي تہ مهرباني ڪري موڪلي ڏي، تہ جيئن ٻئي ڇاپي ۾ فقير صاحب جو گھٽي کان گھٽو ڪلام شامل ڪيو وڃي.

بهرحال، هن ڪتاب ۾ ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ جي ترتيب ڪتاب کان ٻيڻ کان بہ وڌيڪ ڪلام ڏنل آهي، پر پوءِ بہ اهو مڪمل چئي نہ ٿو سگھجي.

ڪن دوستن بياض عنايت ڪا، ڪن سڃڻن منهنجي گذارش تي مختلف بياضن مان عثمان فقير جون ڪافيون نقل ڪري موڪليون. پير نصير الدين ۽ سيد طارق علي شاھ جيلانيءَ هيءُ ڪتاب سھٽي نموني ڇپرائڻ پڌرو ڪيو.

مان سيني سڃڻن ساڻين جو ٿورائتو آهيان. جن مون سان وڌا وڙ ڪيا. انهن پيارن جو پيار ۽ محبت شامل نہ هجي ها، تہ مون کان هيءُ ڪتاب تيار ٿي نہ سگھي ها.

(ڈاڪٽر نواز علي شوق)

مقدمو

سنڌ صدين کان علم ادب ۽ تمدن جو مرڪز رهي آهي. ديني مدرسن ۾ عالم علم جي آبياري ڪندا رهيا ته اديبن ۽ شاعرن ادب کي ترقي ونرائي ته وري صوفي بزرگن پنهنجي خانقاهن ۾ ايڪي، اتحاد، پائپي، پائيچاري، امن ۽ انسان دوستيءَ جو درس ڏنو. ان جو سهڻو مثال صوفي دلپت جو هي بيت آهي:

جي پير ۾ پرميشور، ته ٻبر ۾ ناه ٻيو،
مسجد ۽ مندر ۾، ٻري هڪ ڏيو،
دلپت ڪيئن پيو، خلل هن خلق ۾.

جڏهن سڙي سياست ڪاهي پوندي آهي ته خلق ۾ خلل پئجي ويندو آهي. مسجد منزل گاهه واري مامري تي ممڻ متا، ڪيئي مارجي ويا. نتيجو چا نڪتو؟ محبت جي جاءِ تي نفرت والاري، ايڪتا وارو سهڻو سڳو ڇڄي پيو. افسوس جو اهو سڪ ساڻ واري سڳي کي ڪنهن اميري ڪانه پاتي؟ صدين کان جڙيل سهڻو اڇو ۽ اجرو معاشرو ڪوجهو ڪنو، ميرو ۽ گدلو ٿي پيو. ويچارو وليداد افسوس ڪندي پنهنجي اندر جو آواز هن ريت پڌرو ڪيو:

جتي هنجهه هئا، اُتي ڪانون ڪانگيرا ڪيا،
ويچارا وليداد چئي، ولر ڪري ويا،
اڇي اَل پيا، انهن اوطاقن ۾.

ٻنهي جهانن جي سردار مدني مننار صلي الله عليه وسلم جن جو قول آهي ته خبردار، توهان جي اندر ۾ هڪ اهڙو عضوو آهي، جنهن جي جيڪڏهن اوهان حفاظت نه ڪئي ته توهان جو سڄو جسم خراب ٿي ويندو. اهو عضوو "دل" آهي. نبي سڳوري جي ان فرمان تي عمل ڪندي صوفي سڳورن دل جو آئينو صاف رکڻ جي تلقين ڪئي آهي. چو ته دل ڪعبو آهي. محبوب جو مسڪن آهي. دل مسجد آهي، من مندر آهي، تنهن ڪري ان کي پاڪ ۽ صاف رکڻو آهي. انساني دليون صاف هونديون ته معاشرو ۾

پاڪ هوندو. تاريخ شاهد آهي تہ وقت جي حاڪمن زور، ظلم، ۽ ڏنڊي جي زور تي حڪومت ڪئي. پر صوفين پيار ۽ محبت ذريعي دلين تي حڪمراني ڪئي. هو ظاهر ۾ تہ فقير هئا، پر حقيقت ۾ شاهنشاهہ هئا. اهو ئي سبب آهي جو هنن فقيريءَ ۾ شهنشاهي ڪئي.

عثمان فقير سانگي بہ انهن مان هڪ هو. سندس ولادت 16 صفر 1197 هـ ڳوٺ ڄاماڻي سانگي ضلع لاڙڪاڻي ۾ ٿي. هن فارسي جي اعليٰ تعليم حاصل ڪئي. هو نوشهري جي صوفي بزرگ خواجہ عبدالحي نقشبندي جو مريد هو. ڪافي عرصو نوشهري ۾ رهيو. هُو اڪثر پٽ شاهہ ويندو رهندو هو. شاهہ عبدالطيف ڀٽائيءَ سان ڪيس عقيدت هئي. فقير صاحب کي حضرت قلندر لعل شهباز سان بي پناهہ عقيدت هئي. هڪ روايت موجب هو سڄو سال اتي رهيو ۽ درگاهہ جو متيون پريندو رهيو. فقير عثمان جو والد خير محمد عربي فارسي جو ڄاڻو هو. پنهنجي ڳوٺ ۽ آسپاس جي طالبن کي قرآن شريف ۽ فارسي پڙهائيندو هو. هُو نيڪ ۽ پرهيزگار انسان هو. عثمان فقير هڪ تہ ننڍپڻ کان ئي روحانيت ڏانهن لاڙو رکندڙ هو. ويتر پنهنجي گهريلو ماحول ۽ صوفي سونهارن جي صحبت ڪيس سڄو صوفي بڻايو. روزي نماز جو پابند هو. چون ٿا هو اڪثر الحمد شريف جو ورد ڪندو رهندو هو. مشهور صوفي بزرگ ۽ شاعر خوش خير محمد سندس گهرو دوست هو. ٻئي ڪافي عرصو نوشهري ۾ پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ رهيا. سنہ 1279هـ ۾ جڏهن عثمان فقير وصال ڪيو، تڏهن خوش خير محمد سندن وڇوڙي تي جيڪا ڪافي چئي، ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ خوش خير محمد جو عثمان فقير سان ڪيترو پيار هو. ان کان علاوه هن پنهنجي دوست جي شخصيت ۽ شاعريءَ جي جيڪا تعريف ڪئي آهي، سا سند جو درجو رکي ٿي.

”عثمان“ عاشق آفرين، پنهنجو جسم پروان ڪيئہ،
طالبن جي طور ۾ نالو صحيح نيشان ڪيئہ.
غازي ڪنيئہ وک واه جي، سانگو رکيئہ نہ ساهہ جو،
توکي ذوق وجہ الله جو، واه درد جو درمان ڪيئہ.

غـازي ٻوليئـ گفتـا گـوهر، واه عاشـقن کـي ٿيـو اثـر،
اهـڙو هُئـين سـالڪ سـڏر، واه عشـق جـو اعـلان ڪيئـ.
تنهنجـي درد دل خسـتي ڪئـي، هرگـز نـ تـو سسـتي ڪئـي،
ثابـت ڪمـر بسـتي ڪئـي، سـرهو مـري ميـدان ڪيئـ.
تـو هـي سـخن چيـدا چيـا، تـاثير تـن پيـدا ڪيـا،
شـائق ٻـڌي شـيدا ٿيـا، واه درد جـو داسـتان ڪيئـ.
"خـوش خيـر محمـد" يـار جـو، هيـڙو پکـي تـنهن پـار جـو،
عاشـق هئـين اسـرار جـو، اڏري وجـي آشـيا ڪيئـ.

خوش خير محمد عثمان فقير جو دوست هو. روايت آهي تہ عثمان فقير ئي ڪيس نوشهري وٽي وي. جتي هو پير عبدالحي نقشبندي جو مريد ٿيو. خوش خير محمد پنهنجي ڪن ڪافين ۾ سائين عبدالحي نقشبندي سان عقيدت جو اظهار ڪيو آهي. نموني طور سندس هڪ ڪافيءَ جا ڪجھ شعر پيش ڪجن ٿا. جنهن ۾ هو ٻڌائي ٿو تہ اي طالب، تنهنجو محبوب تنهنجي من ۾ وسي ٿو، تو ۾ ئي تيرٿ ۽ تڪيو آهي. تنهن ڪري ٻيا تيرٿ تڪيا پيٺڻ گنگا، جمنا ۽ ڪاشي وڃڻ بجاءِ پنهنجي اندر ۾ جهاتي پاءِ. سامي سڏائين ٿو تہ پوءِ ڪوڙ ۽ ڪروڙ ڇڏي ڏي. مري جيءُ تہ جانب جو جمال ماڻيين. آخر شعر ۾ عشق جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ منهنجي مرشد عبدالحي ٻڌايو آهي تہ ٻنهي جهانن ۾ عشق ئي اعليٰ ۽ افضل آهي.

عشـق جڻيـا جـس پايـا هـي، تـس واه اسـلام جاڳايـا هـي.
ڪهـان ري گنگـا، ڪهـان ري جمنـا، ڪهـان ري ڪاشـي جايـا هـي.
تجهـ ۾ تڪيـا تجهـ ۾ ٿيـرٿ، آپ ۾ آپ سـمايا هـي.
هـر ڪـنهن اپڻـي هـردي انـدر، پوجـا ڪـر ڦـل پايـا هـي.
جاڳ جپيـا جـس نـام صـاحب ڪـا، تـس طالـب تلـڪ لڳايـا هـي.
سـامي نـام سـڏاکي، ڦـر ڪـوڙ ڪـروڙ ڪمايـا هـي.
سـائين لـوڪ تـ اسـنون ڪهيـي جـو، جيتـي جـي مرجايـا هـي.

”خيـــر محمـــد“ دونـــون جـــڳ ۾، عشـــق عجـــب ســـرمايا هـــي.
عاشـــق عبـــدالحي ميـــري ڳُـــر، ايـــوين آک ســـڀايا هـــي.

ڪافيءَ جو هڪ ٻيو مشهور شاعر رستم لغاري عثمان فقير جو دوست هو، سو عثمان فقير ڪيس نوشهري فيروز وٽي ويو. عاشق عبدالحي وصال ڪري ويو هو، تنهن ڪري رستم فقير شاهه نصير جو طالب ٿيو. هن تمام سهڻيون ڪافيون چيون آهن. عثمان فقير جي هڪ مشهور ڪافي آهي، جنهن ۾ صوفين جي تعريف ڪندي فرمايو آهي:

صـــوفي صـــافئون صـــاف، خيـــال ســـان الـــف جاڳـــائن ٿـــا،
اُهـــــي خـــــان خـــــوديءَ کـــــي کـــــائن ٿـــــا.

انهيءَ ڪافي کان متاثر ٿي، رستم فقير پڻ ساڳي ڪافيءَ ٻران هڪ ڪافي چئي آهي. جن پنهنجي انهيءَ ڪافي ۾ سامين جي ساراهه ڪندي، ملن، قاضين، پٽن ۽ برهمڻ جو ذڪر ڪندي ٻڌايو آهي تہ انهن مان ڪي ٿورا پرجهہ پروڙ رکن ٿا. ان کان پوءِ پنهنجي مرشد واري مسلڪ يعنيٰ نقشبندي بزرگن جي ساراهه ڪندي ٿو:

ســـامين ســـڪ ســـبيل، جســـمي جنـــگ مچـــائن ٿـــا،
اهـــــي خـــــان خـــــوديءَ کـــــي کـــــائن ٿـــــا.
مـــلان قاضـــي ٽيهـــ ئـــي پڙهيـــا، اهـــي آهـــن اکـــرين اڙيـــا،
کـــي صـــاحب تحصـــيل، ســـڪ جـــا ســـبق پڙهـــائن ٿـــا.
جهنـــگ ۾ جوســـي ســـڙيا شـــاهي، پـــٽ بـــرهمڻ ڪمـــي نـــ ڪـــائي،
تـــن مـــون کـــي قليـــل، پرجهـــ واري ٻـــڌ پـــائن ٿـــا.
ملنـــگ آهـــن مســـت مـــوالي، نيـــٽن وتـــن ٿـــا لايـــون لالـــي،
پريـــون نـــاد نفيـــل، ٻـــولي حـــق ٻـــڌائن ٿـــا.

نقشـــــبندي نـــــرواري، خيـــــال جـــــي ركـــــن خبـــــرداري،
تـــــن ۾ اٿـــــن تحليـــــل، پـــــڌر پيـــــر نـــــ پـــــائن ٿـــــا.
"رستم" ٿيءُ تـون کـل تئـون قربـاني، ڏسـڻ اچي سـپ نـور نـوراني،
چـــــڏ هـــــئڻ جـــــي حيـــــل، فـــــيض وارا فرمـــــائن ٿـــــا.

رستم فقير پنهنجي مرشد شاهه نصير جي شان ۾ جيڪا ڪافي چئي آهي، ان ۾ ڪين عشق جو اارباب سڏيندي ٻڌائي ٿو تہ سندن فيض ساري فقير تي جاري آهي. ۽ هو پنهنجي طالبن جو خاص خيال رکي ٿو جتي نينهن جو نعرو سدائين وڄندو رهي ٿو ۽ پنهنجي طالبن کي پريت جا پر پيالا پيارينـدو رهي ٿو. ڪافي ملاحظہ فرمايو:

عشـــــق ســـــندو اربـــــاب، نقشـــــبند نوشـــــهرو نـــــرواري،
فـــيض ســـندس آ فقيـــر ســـاري تـــي، غيـــر نـــ آهـــي گفتـــاري.
طلـــب وارن جـــي تـــرت لهـــي ٿـــو، پـــر داخـــت پـــو واري،
"شـــاهه نصـــير" جـــنهن دا نـــالا، طبـــل وڄـــي تکـــراري،
شـــوق شـــراب شـــتاب پيـــاري، جـــام جماعـــت ســـاري،
لاشـــڪ آ لاهـــوت "رســـتم" کـــي، ســـر صـــدق ڪيـــا ســـو واري.

انهيءَ ڪافيءَ جي پران شاهه نصير جي هڪ ٻئي عقيدت مند " موسيٰ فقير" هيءَ ڪافي چئي.

عشـــــق ســـــندو اربـــــاب، نقشـــــبند وچ نوشـــــهري دي.
اســـــان داڳيـــــل هـــــو تـــــنهن ديـــــري دي.
"شـــاهه نصـــير" جنهـــين دا نـــالا، برهـــ پچينـــدا بيحـــد بـــالا،
وڏو آ جنـــــگ جـــــوابم شـــــاهه علـــــي شـــــهزوري دي.
مئـــي دي مـــٽ اٽـــائين آهـــين، صـــورت ســـانگي ســـر دي چـــاون،
جـــــنهن دا هـــــي هـــــر تـــــاب، جـــــان جگـــــر وچ جيـــــري دي.

هــن اڏيءَ تــي ڪيئــي آون، ڪــڏ ڪــڏ عاشــق ڪنــڌ ڪپــاون،
ڪســـــي ٿـــــين ڪبـــــاب، هٿئـــــون مـــــرد مٿيـــــري دي.
صــدق "موســيٰ" لــک وار اتــاهون، محــب منــي مختيــار اتــاهون،
جــنهن خــتم ڪيتــا ســپ حجــاب، توجــه نــال تڪيــري دي.

ٻيا ٻه گهڻا ئي شاعر هن درگاهه جا طالب هئا. جن عارف عبدالحي ۽ شاهه نصير جي شان ۾ ڪافيون چيون، ميلا مچايا، مٿيون پريون، چوڪيون ڏنيون. مطلب ته ته عارف عبدالحي ۽ شاهه نصير جي دور ۾ نوشهرو تصوف جو وڏو مرڪز هو. راڳ ويراڳ جون محفلون مچنديون هيون، عقيدت مندن، مريدن، ۽ طالبن جا ميڙا متل هوندا هئا. نوشهرو واقعي علم، عشق ۽ عرفان جو هڪ اهڙو مرڪز هو، جتان ڪيترن ئي طالبن کي فيض مليو.

پيرن فقيرن جي درگاهن تي صوفي فقير ويندا رهندا هئا. جتي راڳ ويراڳ جون محفلون متل هونديون هيون. خاص طور ڪنهن بزرگ جي ميڙي جي موقعي تي ته پري پري جا ڳائڻا اچي عقيدت مان چوڪي ڏيندا هئا. ان کان علاوه هڪ ٻئي جون ڪافيون ٻڌي شاعر خاص هيرجي هڪ ٻئي سان ملڻ ۽ قربائتيون ڪچهريون ڪرڻ ويندا هئا. عثمان فقير ۽ خوش خير محمد فقير جو پاڻ ۾ نينهن جو ناتو هو. تنهن ڪري هڪ ٻئي کان متاثر ٿيا ۽ هڪ ٻئي جي پران ڪافيون چيائون. هتي ان جا مثال پيش ڪجن ٿا:

صــوفي صــافئون صــاف، خيــال ســان الــف جاڳــائن ٿــا. (عثمــان فقيــر)
ســڻي پــورب جــو پيغــام، ســامي ســنک وڃــائن ٿــا. (خــوش خيــر محمــد)
ڏاڍا لــک ڪيتئــ ليئــي پــاوڻ دا، ڪيهــا غــرض پيــوئي اٽ آوڻ دا. (عثمــان فقيــر)
ڪيا انصاف آکان، تيڏي آوڻ دا، ڏاڍا لائق ڪيتئ ليئي پاوڻ دا. (خوش خير محمد)
بيرنــگ بــي بيــان، اونهــو بحــر عشــق جــو آهــي. (عثمــان فقيــر)

بيرنگــيءَ جــو بيــان، کــين عقــل ۾ اينــدو. (خــوش خيــر محمــد)

عثمان فقير جي هڪ مشهور ڪافيءَ جو ٽلهه آهي:

نشــا نيــنهن پيــتم نــواب ڪنــون، جنــد چــٽ ڪئــي ڏوهــ ثــواب ڪنــون.

انهي ڪافي ڪان متاثر ٿي ڪري دريا خان زنگيجو جيڪا ڪافي چئي، ان جو ٽلهه پيش ڪجي ٿو:

جــڏان پيــتم ڪيــف ڪــلال ڪنــون، جنــد چــٽ ڪئــي غيــر خيــال ڪنــون.

اهي ڪافيون ايڏيون مشهور ٿيون جو ڪن ٻين شاعرن قافيو بدلائي انهيءَ طرز تي ڪافيون چيون هن جا هيٺ ٻه مثال پيش ڪجن ٿا.

پچو عشق خبر عطار ڪنون، شاهه شمس الحق دي يار ڪنون (خوش خير محمد)
پچو عشق خبر شبير ڪنون، ملڪ عرب دي مير ڪنون. (مير امير علي ٽالپر)

بيشڪ علم، ايڪي ۽ الفت جو ذريعو آهي، اهو انسان ۽ انساني معاشري کي مثالي بڻائي ٿو. ڪي عالم سڳورا علم جو اهو اصلي مقصد سمجهي ان سنئين وات تي هلندا رهيا. پر ڪن بي واٽ ورتي، نتيجي ۾ فساد برپا ٿيا ۽ ڪيئي فرقا پيدا ٿيا. اهو ئي سبب آهي جو سچل سرمست بي اختيار چئي ڏنو:

مذهبن ملڪ ۾، ماٹهو منجهايا،
سچ اوڏا ڪين آيا. عقل وارا عشق کي.

صوفي شاعرن عشق کي وڏي اهميت ڏني آهي. سندن چوڻ موجب هيءَ ڪائنات عشق جي ئي ڪري وجود ۾ آئي ته جيئن جانب جو جنسار جو جتي ڪٿي نمودار ٿئي. وحدت مان ڪثرت ٿئي. پٽائي فرمايو آهي:

وحـــدتان ڪثـــرت ٿـــي، ڪثـــرت وحـــدت ڪـــل،
حـــق حقيقـــي هيڪـــڙو، وائـــي بـــي م پُـــل،
هـــو هلاچـــو هـــل، بـــالله ســـندو ســـڃٽين.

عشق جي اعليٰ شان بيان ڪندي سلطان باهو فرمايو آهي ته انسان ڪيڏا نہ نادان آهن جو ايمان جي سلامتي جي ته دعا گهرن ٿا، عشق جي سلامتيءَ جي دعا نہ ٿا گهرن. حالانڪ عشق جو مانُ ۽ شان گهڻو مٿاهون آهي.

فقير عثمان سانگي کي عشق جي اهميت جي خبر هئي. تنهنڪري هن ٻيا پنڌ پيچرا ۽ مامرا ڇڏي اها ئي عشق واري واٽ ورتي. عشق ڇا آهي؟ ان جي مڪمل وصف ڪوبہ بيان ڪري نہ ٿو سگهي، ڇو ته اهو اونهو سمنڊ آهي، مطلب ته اهو بي رنگ ۽ بي بيان آهي. اهو سبب آهي جو عثمان سانگي فرمايو آهي:

بـــي رنـــگ بـــي بيـــان، اونهـــو بحـــر عشـــق جـــو آهـــي،
جـــــن ملائـــــڪ جـــــاءِ نـــــہ جـــــاڻي،
طالـــــب ڪـــــن ٿـــــا تکيـــــو تـــــاڻي،
انهـــي جـــوءِ جـــوان، ڪوپـــا وينـــدا ڪـــي ڪـــاهي.

عثمان سانگي ٻڌائي ٿو ته عشق جي ذات ۽ صفات بيان ڪرڻ ڪنهن جي وس ۾ نہ آهي. ان جا ڪيئي رنگ ۽ روپ آهي. اهو الائي ڇا آهي؟ اتي ڪچن جو ڪم نہ آهي. سچا ئي ان سر سمجهي سگهن ٿا:

پچـــو عشـــق جـــي نـــہ ذات ، آهـــي ذات الائـــي چـــا؟
ڪـــڏهن ســـيد، ڪـــڏهن صـــيد، ڪـــڏهن قتـــل ڪـــربلا،

ڪڏهن ڪاسائي، ڪڏهن تيغ، ڪڏنهن ڪات الائي ڇا؟

بي هڪ ڪافي ۾ بڌائي ٿو ته عشق اويڙو آهي، سنئين وات سجاڻڻ سولي ڳالهه نه آهي، عشق چپ چپات اچي ٿو، اهو اتي وڃي وجي ٿو، جتي دوئي ڪانهي، اهو هوڻ واري هستي ڊاهي ڇڏي ٿو. دل ۾ دلبر دوست کان سواءِ ٻيو ڪو به اچي نه ٿو سگهي. فرمائي ٿو ته:

عشق اويڙي سا راهه، مئن تان جاتا نهين،
عشق آيا ڪر چپ چپاتي، اندر ٻاهر ظاهر ذاتي،
عشق عثمان کون نيندا اڻاهين، ناهي دوئي دي جاءِ جڻاهين،
هستي جون نيندا ڊاهه، غير اڻان آتا نهين.

انسان "احسن تقويم" جو تفسير آهي، مسجود ملائڪ آهي. جنهن ۾ الله تعاليٰ پنهنجو روح ڦوڪيو ۽ فرمايو ته "الانسان سري و انا سره" يعنيٰ انسان منهنجو راز آهي ۽ مان انسان جو راز آهيان. اهو ئي سبب آهي جو صوفي بزرگن پنهنجي سهڻي ڪلام ذريعي انسان کي پاڻ سجاڻڻ جي تلقين ڪئي آهي. چوڻي آهي ته "سجاڻڻ، پريو سجاڻڻ" انسان جيستائين پاڻ کي نه ٿو سجاڻي ۽ پنهنجي مان مرتبي کان واقف نه آهي پوءِ هو حيوان ٻڌجي وجي ٿو.

عثمان سانگي نصيحت ڪندي فرمائي ٿو ته اي انسان پهريون تون پاڻ سجاڻ، پوءِ تون سپ ڪجهه سجاڻي سگهندين. الله تعاليٰ آدم کي پنهنجي صورت مطابق پيدا ڪيو آهي، تنهن ڪري تون پاڻ وساري اهو نظارو پسي سگهين ٿو. اهو پرين تو کان پري نه آهي. گهوٽ ته تنهنجي گهر ۾ آهي، پوءِ تون ٻئي طرف چو ٿو واجهائيندو وتين؟

پهريون سجاڻج پاڻ، سيڪا صورت پوءِ سجاڻين،
خلق آدم صورت سارو، پاڻ وساري ڪر تون نظارو،
اهو سڻ اهجاڻ، جاڻ وجائي پوءِ تون جاڻين،

گهوت آيو ٿي تنهنجي گهر ۾، وفي انفسڪم آهي اندر ۾،
منجهه وجود وڃاڻ، طرف ٻئي تون ڇو تون تاڻين.

خمريات، واري انهيءَ ساڳي عثمان سانگي تمام پياري ۽ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. هو شراب کي صفائي واري سرڪي يعنيٰ معرفت واري مئي سڏي ٿو ۽ اها جن کي نصيب ٿي. سي جڏ سلطان ٿي مٿن تي سر ڏئي سرخرو ٿين ٿا. متارا ميخاني ۾ اچي، بنان ڪرڪٽ ڪنجهڻ جي پنهنجو سر قربان ڪن ٿا. عثمان فقير فرمائي ٿو:

جنين پيتي آ صفائي سرڪي،
سر ڏين سلطان، مٿن تي مرڪي،
متارا مئخان ۾ آيا، سر ڪرن قربان ڪڏهن نہ ڪرڪي.

بيشڪ هن ڪائنات جي سونهن ۽ سينگار عورت آهي، علامہ اقبال فرمايو آهي:

وجود زن سي هي تصوير ڪائنات مين رنگ

سينگار جي شاعرن جلال ڪٽي ۽ ٻين عورت جي سونهن ۽ سنيگار جو جيڪو نقشو چٽيو آهي. ان جو ڪمال هندي ۽ سنڌيءَ شاعريءَ ۾ نظر ايندو. سينگار جي شاعرن عورت جا سورنهن سينگار اهڙي تہ خوبصورت ۽ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيا آهن، جو اهو ڪلام پڙهڻ وقت تصور ئي تصور ۾ پڙهندڙ حسن جا جلوا پسندو رهي ٿو. فقير عثمان سانگي پنهنجي هڪ نهايت خوبصورت ڪافي ۾ گوري جي مختلف ڳهڻن جو ذڪر ڪندي محبوب جي حسن جي جنهن نموني تعريف ڪئي آهي، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي، هن مختلف زيورن جي ذڪر سان گڏ، انهن جي خاص وصف بيان ڪندي محبوب جي سونهن جي ساراهہ تمام پياري ۽ نياري انداز ۾ بيان ڪئي آهي، اهي ڳهہ پياري پرينءَ کي تہ ڏاڍا سهڻا لڳن ٿا، پر هڪ عاشق جي دل ۾ عشق ۽

محبت جا نوان جذبا جاڳائين ٿا. عثمان فقير جي اها ڳهڻ واري ڪافي ملاحظ فرمايو ۽ سندس ذات ۽ ڏاڻءَ تي دل کولي داد ڏيو.

تـــــــون آن گـــــــل چمـــــــن گلـــــــزار،
محـــــب منـــــو منـــــار، عشـــــق عجـــــب اســـــرار.
ڪـــــــنگڙ ڪلنگـــــــي دار، تنهنجـــــــا وڍولا وار،
تنهنجـــــي تائـــــت جـــــي ڏاڍي اٿـــــم تـــــار،
ٻنگيـــــون هـــــٽن ٻنـــــگ جـــــيءَ ۾ رکـــــي جـــــار.

نـــــٿ بولـــــو بئنســـــر جهـــــڙ لايـــــو جهـــــالر،
نســـــبيون نشـــــانبر، لائـــــي بينيـــــون لالـــــر،
ڏاوڙيـــــون ڏيـــــن ڏاڙ، ســـــر تـــــي سراســـــر،
چـــــوٽي قـــــل چـــــوڏار، جڙيـــــو جـــــوهردار.

هر صوفي شاعر ڏکن هي تعريف ڪئي آهي. حضرت صوفي سيد شاهه عبدالطيف ڀٽائي ڏکن جي تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي. فرمائين ٿا:

ســـــو ســـــکن ڏيـــــئ، ورهـــــه وهـــــايم هيکـــــڙو.
مـــــون کـــــي تـــــنهن نيئـــــي، پيـــــر ڏيکـــــاريون پـــــرينءَ جـــــو،
مـــــٿ مـــــٿ ســـــورن ســـــيکهين، مـــــون وٽ وڃاڻـــــان،
پريـــــون کيـــــون پڇـــــان، ويـــــا وهـــــائو نکـــــري.

حضرت سچل سرمست پڻ ڏکن جي صفت ۽ ساراهه تمام سهڻي نموني بيان ڪئي آهي. هتي ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:

ڏکڻ منجهان سڪ، مون تان لڏا جيڏيون،
ڏورينديءِ کي ڏک، سونهان ٿيڙا سڄڻان.

جي سارو پچان لوڪ، تان گونڊر وارو نه لهان،
هڪڙو پلو ٿوڪ، کهين پاڻ پرائيو.

هر صوفي شاعر ڏکڻ تعريف ڪئي آهي. حضرت شاهه عبدالطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست پڻ ڏکڻ جي صفت ۽ ساراهه تمام سهڻي نموني بيان ڪئي آهي. فقير عثمان سانگي به اها ساڳي واٽ ونڊي سورن جي سنگت جي ساراهه ڪئي آهي. انهن کي وفادار سڏيندي پنهنجي هڪ ڪافي ۾ ٻڌايو آهي ته سسئي سان سور سنگتي هئا. ڏکڻ کيس ڏاڍ ڏنو هو. تنهن ڪري هوءِ ڪاف ڪشالا وجي منزل تي پهتي.

جڏهن سور هليا هيس ساڻ،
تڏهن ڪشالا هي ڪاف لنگهي وئي،
سڪ نه ٿيا هيس سنگتي،
ڏکڻ ڏنو هيس ڏاڍ.

جن کي ڏکڻ جا ڏاڍ ملن، سي ڪيئن نه منزل کي رسندیون، عاشقن کي هميشه ڏکڻ جا ڏاڍ ملن ٿا. تنهن ڪري هو ڪاف ڪشالا لنگهي وجي پنهنجو پرين پسن ٿا.

اکيون عشق جو آستانو ۽ محبت جو ميخانو آهن. جهڙيون محبوبن جون سهڻيون اکڙيون آهن. شاعرن به اهڙائي سهڻا شعر چيا آهن. عثمان فقير به ور ور ڪري اهو پيارو مضمون نهايت پيار پرئي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. ڪڏهن اکين کي سيف (ترار) سڏي ٿو ته ڪڏهن ڪجل واري ريهه کي ڪٽاري سڏي ٿو.

اکين سيف سيني ۾ ساري لڳي،

ڪجـــــل ريهـــــ ڪـــــاري ڪٽـــــاري لڳـــــي.

ٻي هڪ ڪافي ۾ اکين جي جهيڙن ۽ زلف جي ويڑهن جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو ته اهي ائين ڦاسائين ٿيون، جيئن ڪنڊيون پور پئجي ويندیون آهن.

اهـــي عثمـــان اکـــين جـــا جهيـــڑا، وجهـــن ونـــگ زلفـــن جـــا ويڑهـــا،
جيـــئن ڪنـــڊيون پـــون ٿيـــون پـــور، ڪـــين ڇـــڏين ٿيـــون ڪـــنهن پـــاري.

ٻي هڪ ڪافي ٻڌائي ٿو ته اهي مارا ڪن ٿيون. اهي دلبر ڏاڙي لاءِ ڏاريون آهن. اهي بحري باز آهن. زلفن جي پيچ ۾ وجهي ڳاري ڇڏين ٿيون. خوبصورت ٻولي ۽ خوبصورت انداز جو هڪ مثال ملاحظہ فرمايو:

اکڙيـــــون ســـــڃڻ تنهنجيـــــون مـــــارڙيون،
تـــــون ڏاڙي خـــــاطر ڏارڙيـــــون،
وجهـــــي پـــــيچ زلفـــــن ڳـــــارڙيون،
هنيـــــو وجـــــڻ حڪـــــام ۾.
"عثمـــــان" تـــــي اکڙيـــــون ائـــــين،
بحـــــري بـــــاز ڏئـــــي جلـــــوو جئـــــين،
رکـــــي تـــــاب تـــــابش جـــــو تيئـــــين،
جهڻيـــــو وجـــــن هـــــڪ جهـــــام ۾.

ڪڏهن وري اکين کي تيرن سان تشبيهہ ڏيندي ٻڌائي ٿو ته اکين جا تير ڏاڍا تيز ۽ تکا آهن. اهي اهڙا قهري ڪان هڻن ٿيون جو بي اختيار عاشق توبهہ زاري جي تسبيح پڙهندو رهي ٿو.

تير اکين جا ڏاڍا تيکيرا، کان هٽن ٿيون قهاري ري.
توبهه توبهه زاري ري.

صوفي شاعرن نوڙت ۽ نياز جي تعليم ڏني آهي. هنن هٺ ۽ تکبر کان پري پڇڻ جو سبق ڏنو آهي. شاهه لطيف، سچل سرمست، سامي ۽ بيدل بيکس ٻين سڀني صوفي شاعرن هميشه هيناهين هلڻ جي هدايت ڪئي آهي. عثمان فقير وات وڻندي عاجزي ۽ نيزاري جو اظهار ڪندي فرمائي ٿو:

ٻـــــانهي تنهنجـــــي آهيـــــان، ٻـــــانهي ڙي،
منهنجـــا جـــاني، ڏاريـــن تـــوڙي لـــوڏارين.

ڪيڏا نه سهڻا لفظ آهن. ڪهڙي نه اثرائتي انداز ۾ وينتي ڪئي وئي آهي. "ڏارين توڙي لوڏارين" لفظن شعر کي انتهائي خوبصورت بڻائي ڇڏيو آهي.

عثمان فقير جي ڪلام ۾ ڪيترائي صوفياڻا ٽڪتا نظر ايندا. نفي ۽ اثبات وارو صوفياڻو نڪتو هر شاعر پنهنجي رنگ ۽ ڍنگ سان سمجهايو آهي. اهو نڪتو سچل سرمست هن ريت سمجهائي ٿو:

اول گمراهـــــي، آهـــــي ربـــــاني راهـــــ ۾،
تهـــان پـــوءِ همراهـــي، آهـــي هـــيءَ هـــدايت جـــي.

انسان جي عظمت بيان ڪندي اهو نڪتو ٻي هڪ ڪافي ۾ هن ريت سمجهائي ٿو:

چـــوڙ گمـــان گـــدائي والا، شـــملا چـــا ٻـــڌ شـــاهي دا،
گمراهـــي وچ هيئـــي هـــدايت، نـــور ســـفيد ســـياهي دا،
نفـــي "ســـچل" اثبـــات ڪريـنـــدا، ويکـــو ســـير ســـپاهي دا.

سچل سرمست جي انهيءَ کافي کان متاثر ٿي عثمان فقير ان کافيءَ جي پران پنهنجي هڪ کافي ۾ طالب کي سهڻي صلاح ڏئي ٿو ته پهرين عشق جي بي انت بحر ۾ گمراهي جو غوطو هڻي، پوءِ شاهي وارو شملو ٻڌ. عثمان فقير فرمائي ٿو:

پهرين مار غوطا گمراهي دا، پچي شملا چا ٻڌ شاهي دا.
قطرا قلزم نال رلاوين، ٿيوين دريا پچي موج هلاوين،
هستي چوڙ ته حاصل ٿيوين، اهو عين الاهي دا.
آنهن وچون جڏان نانهن ٿيوين، پر نانهن وچون جڏان آنهن ٿيوين،
رنگ چوڙ ته رنگ رڱانهن ٿيوين، اها خاص رنگ خدائي دا.

عثمان فقير سانگي کي سنڌيءَ ٻوليءَ تي پورو عبور حاصل هو. هن پنهنجي کلام ۾ نهايت ئي خوبصورت ٻولي استعمال ڪئي آهي. سندس کلام جي هڪ خاص خوبي اها ٻه آهي ته هو نيٺ سنڌي لفظ استعمال ڪندي ٿورن لفظن ۾ گهڻيون ڳالهيون ٻڌائي وڃي ٿو. هتي ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا. پنهنجي هڪ کافي ۾ فرمائي ٿو.

جت ڪري زورو، نماڻيءَ کي ننڊ ۾ چڏي ويا.
ڪري ويا ڪنل سان، ناحق نسورو.
هيڏي شهر پنيور ۾، شرو نتورو.
ڏيئي ويا ڏکيءَ کي، ڏونگر ۾ ڏورو.

پنهنجي هڪ ٻي کافيءَ ۾ سسئي جي زباني فرمائي ٿو:

اصل منهنجو انگ ائين لکيون هو،
ڏوهه ڏيان کهڙو ڏيرن تي.
آءُ سُتي، هو هليا،
پرهه نهاريان پيرن تي.

عثمان سانگي جي ڪلام ۾ بي شمار خوبيون آهن. مٿي نموني طور خرار مان ڪي داڻا ڪڍا چونڊيا ويا آهن. هو سچو عاشق ۽ موسيقي جو ماهر هو. سندس ڪلام سهڻي ٻوليءَ سان گڏ و گڏ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ عثمان سانگيءَ جي شخصيت ۽ ڪلام بابت جيڪا رائي ڏني آهي سا وزندار آهي. لکن ٿا (عثمان فقير) اهل الله درويش، سچو صوفي، ۽ وڏو شاعر هو. خواجہ عبدالحي نقشبندي نوشهري فيروز واري جي توجهہ سان برهہ ۽ بيخودي عطا ٿيس، خواجہ صاحب جي وفات کان پوءِ سندس پٽ شاهہ نصير الدين جي بعيت ڪيائين. فقير خير محمد هيسباڻي ۽ عثمان فقير پاڻ ۾ صحبتي هئا. عثمان فقير سنڌي ۽ سرائڪي ۾ ڪافيون چيون، جيڪي حال توڙي قال جي لحاظ سان معياري آهن. (3) مطلب تہ هرلحاظ سان سندس سنڌي توڙي سرائڪي ڪلام لاجواب آهي. اڄ بہ سندس ڪافيون جهر جهنگ مشهور آهن. ماڻهو جڏهن مرحوم محمد جمن جي آواز ۾ هيءَ ڪافي ٻڌن ٿا تہ بي اختيار ٿي وجد ۾ اچي وڃن ٿا:

سانون لڳ ڳئي بي اختياري، سيني دي وچ نہ سمائي هي،
يار ڏاڍي عشق آتش لائي هي.

اها عشق هي آتش عثمان فقير جي ڪلام ۾ اوهان کي جا بجا نظر ايندي. اها جوت اجان جلندي رهي ٿي. ۽ سدائين جلندي رهندي. ڇو تہ عثمان فقير کي اهوفيض پنهنجي سائين عبدالحي نقشبندي کان حاصل ٿيو. نوشهري جي عالم ۽ عارف هو اهو فيض اڻ کٽ آهي. جيڪو اڄ بہ جاري آهي ۽ سدائين جاري رهندو.

ڊاڪٽر نواز علي شوق

حاشيا

1. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ هي ترتيب ڏنل ڪتاب "ڪلام خوش خير محمد" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ.
2. هي هيءُ به روايت آهي ته خوش خير محمد جو والد عارف عبدالحي نقشبنديءَ جي والد سائين شهاب الدين سير ڏٽيءَ جو مريد هو. اهو ئي سبب آهي جو خوش خير محمد عارف عبدالحي جو طالب ٿيو.
3. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڪافيون (جلد پهريون) ص 432، سنڌي ادبي بورڊ 1985ع

بيت

خيال خدائي جي خيال ۾، وجيائي تون ويهہ،
وحدت جي درياءَ ۾، پاڻ ڇڏي تون پيهہ،
هيڻ مٿي هر جاءِ آهي، ڏيهي تنهنجو ڏيهہ،
سڃڻ ۽ ساڻيهہ، آهين تون "عثمان" چئي.

(*)

ڪين ڪٽي ويا ڪين ڏي، ڪين ڏنئون ڪين،
قرب سجاڻي ڪين جو، ڪين ڪچن ٿا ڪين،
ڪين ڏنئون ڪين، الف بنا "عثمان" چئي.

(*)

ڪين ڪٽي ڪين ۾، ڪين بہ ڏنئون ڪين،
قلزم ڪارنيار جي، ڪنڊي آهي ڪين،
تو ۾ ساري ڪين، آهي "عثمان" چئي.

(*)

ڪين ڪٽي ڪين ۾، ڪيو ويراڳين وڻاڻ،
نڪو آدم آدمين، نہ ڪو پٽس ڪين،
بيرنگ بيرنگ ساڻ، امل ٿيا "عثمان" چئي.

(*)

ڪين ڪٽي ويا ڪين ڏي، هوڪين ٿيا وجي ڪين،
قرب سجاڻي ڪين جو، هو ڪين ڪچن ٿا ڪين،

پوءِ ڪين ڏسن ٿا ڪين، الف بنا "عثمان" چئي.

(*)

ڪافر ٿئين ٿا ابهي، باب شرع جا ڇڏ،
پوءِ من مشرڪي گڏ، ٿا ويجهو ٿيئن وصال ڪي.

(*)

لڳو پاڻ پرنگ، سالڪن صبر ڪيو،
ريتي ريزالا ويا، ديهه دارن کون دنگ،
ڪارڙ ڳِداڙيءَ قيد پيا، منجهه پَنجوڙ پلنگ،
جاتي حاجت هُئي هنجن جي، اُتي قابو ٿيا ڪنگ،
ڏسي روءِ زماني رنگ، عَجب لڳو "عثمان" چئي.

(*)

وحده جي ويڑهه ۾، پيهي پسيو جن،
اوري پري پاڙ ٿيا، ڪنهن سان ڳالهيون ڪن،
فانما تولو فٹم وجهه الله، ٿا ڏسڙ منجهه ڏسن،
اُهي مانجهي ڪين مُڙن، جيڪي ٿيا اعتباري "عثمان" چئي.

(*)

وحدو جي ويڑهه ۾، جان پسيو مون،
اتي يڪي صفائي صاف آ، هڪ نه ڪو ڏون،
جا مان ٿي يانئي مون، سا وئي اڏامي "عثمان" چئي.

(*)

جي چوين جوڳي ٿيان، تو هوئڙ ڇڏ هيءُ،
پيجي اوٽ عدم جي، بي خود پيالو پيءُ،
ساڳو ٿي سِرُ ٿيءُ، جيڪو اصل هُئين "عثمان" چئي.

(*)

آنهن ۽ نانهن جي وچ تي، ڪل پوي ٿي ڪان،
لنگهي لاهوتي ويا، انهيءَ جوءِ جوان،
جاتي نڪو خطرو خوف رجا جو، امر نڪي فرمان،
ائين وجي گڏيا "عثمان"، جئين قطرو قلزم ۾ پوي.

(*)

قطرو قلزم ۾ پيو، ويو ڦڙيءَ جو فرق،
وحدت جي واديءَ ۾، وجي غازي ٿيا غرق،
طلسم ڪري ترڪ، وجي آشياني ٿيا "عثمان" چئي.

(*)

آشياني ٿيا "عثمان" چئي، ڪيائون پاسي هيءَ پوشاڪ،
وحدت جي واديءَ ۾، پُرس ٿيا وجي پاڪ،
برهه ڪيا بيباڪ، نانهن منجهان وجي آنهن جي.

(*)

نڪو جاڙ نڪو سيجاڙ، نڪا سمجهه سڌ پوي،
نڪا مورت معنوي، نڪا صورت ساڙ،
اتي وجي ڪن وٽاڙ، آديسي "عثمان" چئي.

(*)

پايون ڏسن پاڙ ۾، ليئي منجهه ليو،
حق وجي حق سان، ڏئي ٻن ٻيو،
وچئون ويو ويو، عيني ٿيا "عثمان" چئي.

(*)

بيرنگ بحر عميق ۾، ويا گهاتو گهاءُ ڪٽي،
ماري موٽيا مڇ کي، اٽڪائي اٽي،
پوءِ اهي هٿيار هٽي، آرامي ٽيا "عثمان" چئي.

(*)

ڪيچئون ڪاهي آئيا، منجهه پنيور پري،
ويسارو ٽيس وطن جو، ويو انهيءَ هنڌ هري،
پوءِ ڪيچ بہ ويس وسري، اچي عيشي ٽيو "عثمان" چئي.

(*)

ڪافي:1

آءُ آهيـــــان تنهنجـــــي هـــــڏ، گولي گـــــڏ،
ســـــڇڻ ســـــنگت ســـــان پنهنجـــــي.

لـوڏي کـي لائـق کـري، سـائين لـڳ سـهڻا سـڏ.
آءُ آهيـــــان تنهنجـــــي هـــــڏ

لڙهـ لڳاسـي تنهنجـي، ڇـن نـ اسـان کـي تـون ڇـڏ.
آءُ آهيـــــان تنهنجـــــي هـــــڏ.

پـــاڙي منهنجـــي پکـــڙا، اوري آڻـــي اڏ.
آءُ آهيـــــان تنهنجـــــي هـــــڏ.

آءُ پـــري يـــر "عثمـــان" ڏي، ويـــرم لائـــي مَ وڏ.
آءُ آهيـــــان تنهنجـــــي هـــــڏ.

ڪافي:2

آءُ ٿي مران سڪ ۾ سڙي، توکي ميان ته بہ ترس ڪو نہ ڪو.

حيران ڪيو هن ڳالهہ ۾، آهيون تنهنجي قيل قال ۾،
لنوڙي لاتو جانکون اچي، آءُ ٿي مران سڪ ۾ سڙي.
توکي ميان تہ بہ ترس ڪو نہ ڪو.

جند جان پتنگ وانگي پچي، نينهن ۾ ناچو جيان نچي،
من ۾ مچ ٿيو مچي، آءُ ٿي مران سڪ ۾ سڙي،
توکي ميان تہ بہ ترس ڪو نہ ڪو.

"عثمان" آهي اوهانجو، پر جي پرين ڪيو پانهنجو،
اچ يار چانگن تي چڙهي، آءُ ٿي مران سڪ ۾ سڙي.
توکي ميان تہ بہ ترس ڪو نہ ڪو.

ڪافي:3

آءُ ڇو ڏکن ڪاڙ ڄائي آهيان، سورن ڪاڙ سامائي آهيان.

بي بڻي بيراڳي ڦران، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گهمائي آهيان.

هٿين پيرين گهنگهرون، ناچو عشق نچائي آهيان.

عشق اچي استاد ٿيو، پئي سور پڙهائي آهيان.

سور اچي ٿيا سامهان، تن تمام تپائي آهيان.

آءُ پرين تون "عثمان" ڏي، نپوڙي عشق جي لائي آهيان.

ڪافي:4

آئـــي منـــد مـــوٽي يـــار، مـــل اچـــي منهنجـــا پـــرين.

انـــبن ٻـــور ڦلاريـــا، ڏاڙهـــون ٻـــڌي ڏوڏي يـــار.

جـر جبـل سـيءِ جهاڳيـان، گـولن جـي هـان گـولي يـار.

مـن مـاري مسـتان ڪيئي، گهـر گهـر ٿـي آهيـان ڳولي يار.

بيـــوس دانهـــون درد جـــون، لنـــو انـــدر لـــولي يـــار.

اچـي مـل "عثمـان" چئـي، چـاڪن پـري آهـي چـولي يـار.

ڪافي:5

آهي عشق امام سو جن جو، سپ خوف لٽن خطرن جو.

واعظ عشق جو دل تي رکيائون، ڪين ٻڌن ٿا ٻين جو.

آڳ عشق جي ۾ پاڻ پچائين، ڏس انصاف انهن جو.

باهه برهه جيءَ ۾ جسم جلائن، ڪهڙو بيان ڪُڻن جو.

جاءِ نه جِنَ مَلَکَ جي جاڻي، آهي تکيو اتي تن جو.

اُهي "عثمان" جي نينهن نهوڙيا، سبق پڙهن ٿا سورن جو.

ڪافي:6

اچـــــڻ تنهنجـــــي جـــــا اهـــــي انصـــــاف،
هـــــي ڇـــــڻ ڇائينـــــدس، لـــــوڪ ســـــڻائيندس.

آهـن عيـب عميـق اسـان ۾، محـب منـديون ڪنـدين معـاف،
لـــــڪ ڀلايـــــون آءٌ تنهنجـــــون ڀائينـــــدس.
هـــــي ڇـــــڻ ڇائينـــــدس، لـــــوڪ ســـــڻائيندس.

سجدو ڏيئي صورت سڃڻ جي ڪي، تهدل ڪندس طواف،
ســـــر اڳيـــــون تنهنجـــــي نرتئـــــون نوائينـــــدس.
هـــــي ڇـــــڻ ڇائينـــــدس، لـــــوڪ ســـــڻائيندس.

درد منهنجي جو تـو وڻ دارون، مـون ڪي قسـم مصـحاف،
پانـــــد ڇچـــــي پـــــائي تـــــو ڪـــــي پرچائينـــــدس.
هـــــي ڇـــــڻ ڇائينـــــدس، لـــــوڪ ســـــڻائيندس.

آهين "عثمان" سي لکيون ڇالهيون، سهڻل تنهنجون صاف،
ڀـــــولي تـــــو ڪـــــي يـــــار ٻڌائينـــــدس
هـــــي ڇـــــڻ ڇائينـــــدس، لـــــوڪ ســـــڻائيندس.

ڪافي:7

اڙينگ سان دلڙي اڙي، نينهن لڳو لاغرضن سان،
سهمن ۾ دل سڙي.

يار جادوگر، جادو ڪيڙ، محبت وارا مند پڙهي.

پيچي پيچ وجهي وئين، قابو ڪيڙ ڪاريگر ڪڙي.

ڏوهه ثواب جي جاءِ نه جاڻي، چاڙهه انهيءَ ۾ دل چڙهي.

اچي "عثمان" جي دل تي دلبر، دردن لائي آهه ڏمر ڏڙي.

ڪافي:8

اصـــل منهنجـــو انـــگ ائـــين لڪيـــو هـــو،
ڏوهـــــ ڏيـــــان ڪهـــــڙو ڏيـــــرن ڪـــــي.

آءُ سـيج سُـتي هـو هليـا، پرهـ نهاريـان پيـرن تـي.
ڏوهـــــ ڏيـــــان ڪهـــــڙو ڏيـــــرن ڪـــــي.

ڪـاهي ويـندس ڪـيڇ ڏي. دوسـت پنهـل جـي ديـرن تـي.
ڏوهـــــ ڏيـــــان ڪهـــــڙو ڏيـــــرن ڪـــــي.

ڏيـڻ ڏوراپـو ڏاڍن ڪـي، ناهـ مناسـب پـاڻون پليـرن تـي.
ڏوهـــــ ڏيـــــان ڪهـــــڙو ڏيـــــرن ڪـــــي.

آريـاڻي "عثمـان" چئـي، محـب نـ ڏسـجانءِ ميـرن تـي.
ڏوهـــــ ڏيـــــان ڪهـــــڙو ڏيـــــرن ڪـــــي.

ڪافي:9

اکڙيون عزم ايڏو رکي، دلڙيون ڦاسائن دام ۾،
ديدان ڪنهين دستور سان، موهي ونن هڪ مام ۾.

اکڙيون سڄڻ تنهنجون مارڙيون،تو ڏاڙي خاطر ڏارڙيون،
وجهي پيچ زلفن ڳارڙيون، هنيون وجن حڪام ۾.

اکڙن پاتو قهري ڪجل، دل ۾ اٽن خوني خلل،
جيئن وڙهي ٿو ملهه ساڻ ملهه، گڏجي اچي هڪ گام ۾.

نينان نسوري نور ۾، پرٽيون وتن سڪ پور ۾،
گهايو حسن جي گهور ۾، آرام بي آرام ۾.

"عثمان" تي اکڙين ايئن، بحري باز ڏئي جوشن جيئن،
رکي تاب تابش جو تيئن، جهڙيو وجن هڪ جهام ۾.

ڪافي: 10

اڪين سيف سيني ۾ ساري لڳي،
ڪجل ريهه ڪاري ڪٽاري لڳي.

چلٽ چاهه محبن موچاري لڳي،
پابوهه پرين جي پياري لڳي.

نظاري ڏسٽ ويل واري لڳي،
جگر جان ۾ جنگ جاري لڳي.

چلي چوٽ چشمن چوڏاري لڳي،
ڏاڍي زخم زور واري لڳي.

"عثمان" اهڙي اباهري لڳي،
جڏي جان ۾ "لا" جي لاري لڳي.

ڪافي: 11

اڇهين نه عشق مون ڇاتو هو،
سِر تي آيم، تڏهن سجاتم.

عشق اول آسان ٿي پانيم، هوش عقل تنهن دم وڃايم،
پوءِ رڳو پاراتو هو.

نينهن وڃايو جڏهن نغارو، وجود وسري ويو سپ سارو،
لالڻ لئيڙو پاتو هو.

عشق جنهين سر آيو "عثمانا"، بي مثل آهي بي بيانا،
جن لڳو تن ڇاتو هو.

ڪافي:12

انهن ظالم اکڙين سان، دلبر ڇو ٿو لٽين.

حسن هزاري، ڪيو خماري، تون قرين فقيرن جان،
ءِ وڙهين واسينگن جان، وکڙ وجهيو ٿو ونين،
انهن ظالم اکڙين سان، دلبر ڇو ٿو لٽين.

چشمان چوري وڏوَ نهوڙي، دلبر ديدن سان،
تنهنجون بڙچيون مزگان مارن، سڌيون ٻر سٽين،
انهن ظالم اکڙين سان، دلبر ڇو ٿو لٽين.

"عثمان" اداسي، ڪيو سناسي، سهڻا صحبت سان،
تنهنجا قهري نين ڪنڌا، جهٽڪان ڏئي ٿو جهٽين،
انهن ظالم اکڙين سان، دلبر ڇو ٿو لٽين.

ڪافي:13

او جانب، جانب تن ميان، منهنجو تو ڪي مَن ميان،
سڪي ۽ ساري گھٽو.

اوھان جي تہ اچڻ جو، ڪڏھن ڪون ٿم ڪن ميان،
پاڻ سجاڻي پنھنجو تون، تازو ڪري وچ تَن ميان،
گھر منھنجي گھاري گھٽو.

ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان، بره وڏو اَٿم پَن ميان،
جوش جلايم جندڙي، اندر راڳ رڳن ميان،
موٽي مون ماري گھٽو.

درد منجھئون دانھون ڪيان، ڏکن رکيو اٿم ڏَن ميان،
سواءِ تنھنجي سپرين، آءُ ڪيئن ڪاوان اَن ميان،
ڳٽ تنھنجو ٿو ڳاري گھٽو.

تنھنجو مون سان سپرين، وسري ڪين وَرن ميان،
آھي تنھنجو "عثمان" ڪي، پرين يار پَرن ميان،
ڪليو ٿو ڪيڪاري گھٽو.

ڪافي:14

اهـــي چڪـــن ٽينـــدا پـــاڙهين چـــو نـــ،
ڏڻـــــو جـــــن درســـــن يـــــار جـــــو.

ڪيـــــان بيـــــان حســـــن جـــــو ڪهـــــڙو،
هـوش رهيـو ڪـين صـورت جـي سـينگار جـو،
ڏڻـــــو جَـــــن درســـــن يـــــار جـــــو.

شـــمس قمـــر نـــاهي صـــورت ثـــاني،
هيـــو تجلـــو تـــاب اکـــڙين جـــي اســـرار جـــو،
ڏڻـــــو جَـــــن درســـــن يـــــار جـــــو.

ديـــــدن ســـــان ڏيـــــايو دلـــــڙي،
ڏوڪـــو تـــ ڪيـــو ڪجلـــين ڪجـــل ڏار جـــو،
ڏڻـــــو جَـــــن درســـــن يـــــار جـــــو.

آهـــي "عثمـــان" اصـــل کـــان اوهـــان جـــو،
ســـاڳيو ســـگ ســـندو پـــرينءَ جـــي پـــار جـــو،
ڏڻـــــو جَـــــن درســـــن يـــــار جـــــو.

ڪافي:15

انهـــن ڪَجلـــين جـــو آهـــي ڪَـــم،
يَلـــي مـــارن ملـــڪ جـــي دلـــين جـــو.

عاشـقن کـي عيـنن جـو، آهـي مَـن اَنـدر مـاتَمُ،
انهـــن ڪجلـــين جـــو آهـــي ڪـــمُ.

سِر سَاعت ۾ واريـون، هـڪ تيـغ هَڻي ڪَـن تَـمُ،
انهـــن ڪجلـــين جـــو آهـــي ڪـــمُ.

ديـدان تنهنجـون دلبـر، ديـر نـه ڪـن هـڪ دَمُ،
انهـــن ڪجلـــين جـــو آهـــي ڪَـــم.

چئي "عثمان" نينهن نهوڙيو، غمزن ۾ ٿيا غـم،
انهـــن ڪجلـــين جـــو آهـــي ڪـــم.

ڪافي:16

اينـدم يـار ڪـري لـک ٿـورو، شـل ٿينـدم ڏيـنهن صـدورو.

ليڪـي تـوڙي يـار نـه ليڪـي، آهيـون تـه بـه تـنهن جـي ليڪـي،
ونـــــــــدر اٿـــــــــم تـــــــــ وِنـــــــــدورو.

تنهنجي گولن جي آهيان گولي، ٻانهـپ پنهنجي اصل کان ٻولي،
ڳلـــي ڳلـــي آ تـــو لئـــ ڳـــولي، گهٽـــيءَ گهٽـــيءَ ۾ گهـــورو.

اچي "عثمان" کي منڙا ملندين، نيٺ ڪٽي تـون خوش ٿـي ڪلندين،
ٿـورا ڪـري تـون اڳـٽ تـي ٽلنـدين، گهـورا ڪيـان سـر سـمورو.

ڪافي:17

بيچون منجهون آواز اچي ڪري، عاشق ٻاجهون ڪير سهي،

اونهي منجهون اچڻ وڃڻ جو، سالڪ ڪن ٿا سير صحي.

سچ انهيءَ جا سونهان آهن، وجي لهن ٿا پير پَهي.

ديد جنين درياه ڪيڙي، وهڻ انهيءَ ۾ وَيا تہ وَهي.

نَفي منجهئون نابود جو ٿيئڙا، "لا" جي ويئڙن تيغ وَهي.

ٻيون ڳالهيون سپ ٻن ڏنيون سي، هاديءَ واري تار رَهي.

اهي "عثمان" انهيءَ پنڌ پيا، تا ٿي ويندو ڪير ڪَهي.

ڪافي:18

بيرنـــگ برهـــ بيـــان، اونهـــو بحـــر عشـــق جـــو آهـــي.

جِـن مَلـڪ جـي جـاءِ نـ جـاڻي، طالـب تڪيـا ڪـن ٿـا تـاڻي،
اُنهـــيءَ جـــوءِ جـــوان، ڪامـــل ڪوپـــا ڪـــي اينـــدا ڪـــاهي.

گهيـر عشـق ۾ گهرنـدا عاشـق، توڪـل ترهـو ثمـر تنهـين سـڪ،
ســـر ڏيئـــي ٽيـــا ســـلطان، لاڀاپـــا ســـپ لـــوڪ جـــا لاهـــي.

برهـ پڙهايون جن ڪي باتيون، گُـم غواصي ٽيا خود گهاتيون،
ڪَـــلَ ٻـــين ڪـــي ڪانـــ، ســـاري سُـــڌِ انهـــن ڪـــي آهـــي.

بيرنـگ جـو آهـي رنـگ نـ ڪـوئي، پـاڻ سـجاڻي جـاڻي سـوئي،
اونهـــي ڪـــي "عثمـــان"، ســـالڪ ســـمجهن ســـٿرو نـــاهي.

ڪافي:19

ٻـــانهي تنهنجـــي آهيـــان ٻـــانهي، منهنجـــا جـــاني،
ڏاريـــــــن تـــــــوڙي مـــــــون لـــــــوڏارين.

حســن تنهنجــي آ افضــل اعلــيٰ، نــرگس نــين ڪنــول گــل لالا،
صورت تـو مـٽ ڪـونهي ثـاني،مهر ڪـري جـي منهـڙو ڏيڪـارين.

عيبــدار اصــل كــان آهيــان، آس اميــد مــور نــه لاهيــان.
ڪيـو مونسـان ڪـا مهربـاني، پـاڻ سـجاڻي تـو سـجڻ سـنيارين.

تـون قربـدار اصـل ڪئـون آهـين، چـو ٿـو پنهنجـو پـاڻ ڇپـائين،
سر آهين تـون ساڃي سلطاني، گـوليءَ سان اَڇي گڏجي گذارين.

مُڪَو مون ڏي ڪا نينهن نشاني، ڪهڙا ڪهڙا اَٿوَ ڪَم ڪارين،
آهـي "عثمـان" جـي تـو سـان آزي، اوڪـي ڪيـڏن برهـ جـي بـازي.

ڪافي:20

تنهنجون چشمان ڪَن ٿيون چور، نانءُ ڏٽيءَ ڪٽي نيٽ نهاري.

گهور ڪري ٿيون اچن گهليون، ونيون گهمن ٿيون ڳوٺ جون ڳليون،
نت وڃٽ وهلور، لکيون گهمن ٿيون انهيءَ لاري.

بکيون وتن ٿيون بازن وانگي، جيئن طعام تي اچن ٿيون تانگهي،
زورئون زور ضرور، دام وجهيو ٿو دلڙيون ڏتاري.

اهي "عثمان" اکين جا جهيڙا، وجهن ونگ زلفن جا ويڙها،
جيئن ڪنڌيون پون ٿيون پور، ڪين چٽن ٿيون ڪنهن پاري.

ڪافي:21

تـــو دل ريهـــي، تـــو دل ريهـــي رمـــزن ســـاڻ.

نـــيڻ ســـجڻ تنهنجـــا خـــوني خنجـــر،
ٻئـــي هـــٽن ٻـــاڻ، دڪـــي ديهـــي.

اچـــي بيٺـــين تـــون ســـامهان،
چـــاڙهي چشـــمان چاڻ،ســـگهيون ســـيهي.

اگـــڻ اســـان جـــي آءٔ پيـــارا،
پـــرين پســـائج پـــاڻ، مـــون وٽ ويهـــي.

عشـــق تنهنجـــي جـــو ڳجهڙيـــون ڳـــالهيون،
ڪيـــئن سَـــلي "عثمـــان"، ســـاڳيون ســـيئي.

ڪافي:22

تـــوڙي لکـــين لڳـــا لـــوڏارين ٿـــو، تـــ بـــ آءُ تـــ تنهنجـــي ڇڇـــيءَ ڇـــل آهيـــان.

ليئـــڙو پـــائي، پـــاڻ ڇپـــائي وئـــين، تنهنجـــي بـــاڻ حســـن جـــي بـــدل آهيـــان.

لعلڻ تو کي لائق ناهي، نيڻ ڪٽي نہ نهارين ٿو، تنهنجي ول ڇل جي ورتل آهيان.

سهڻل تو لئہ سئو سڪن ٿا، مشتاقن کي مارين ٿو، هستي هيڻي آءُ هيڪل آهيان.

آهـــي "عثمـــان" اصـــل کـــان اوهـــان جـــو، آءُ تـــ ليکـــي اوهـــان جـــي لکيـــل آهيـــان.

ڪافي:23

تون آن گل چمن، گلشن گلزار، محب منو منٺار، عشق عجب اسرار.

ڪنگڻ ڪلنگي دار، تنهنجا وايولا وار، تنهنجي تائٽن جي ڏاڍي اٽم تار، تنهنجي بندڙن جا ڪهڙا پچان پار، ٻنگيو هٽن ٻنگ، جيءَ ۾ رکي جار.

نٽ بولو ٻئنسر، جهڙ لايو جهالر، نسبيون نشانبر، لائي بينيون لالر، ڏاوٽيون ڏين ڏاڻ، سر تي سراسر، چوٽيءَ قل چوڏار، جڙيو جوهر دار.

هس تائٽ لکڙي، جهومکن جا جهلکار، تن تي ٽِکن جا سوين هزار، ويڑهه چلا مندبيون، وڇونڙا ولهار، مندبين چاڙهيان مند، دڳ دڳ جا ڏڏکار.

"عثمان" سري سٽ، ڳلي يار جي نہ مٽ، بنا يار جي ديدار، گهٽي پانيان گهٽ، ڪڏهن مان قبولن، هوندیون پرين وٽ، اهڙو اکين کي آ، اڳئيون شوق شڪار.

ڪافي:24

تون ته نازڪ نازن ساڻ، دلڙي منهنجي يار لٽين ٿو.

ناز منجهان جي نيڻ ڪٽين ٿو، پاسي نه ڪر تون پاڻ،
مون ڪان منهڙو ڇو يار مٽين ٿو. دلڙي منهنجي يار لٽين ٿو.

ناز منجهان جي نيڻ ڪنيائين، چارئي چشمان چاڻ،
ڪيون مونکي چست چٽين ٿو. دلڙي منهنجي يار لٽين ٿو.

آهي "عثمان" کي يار اوهان جو، بندڻن لاکون ٻاڻ،
چوڙيان کين چٽين ٿو. دلڙي منهنجي يار لٽين ٿو.

ڪافي:25

تـــــو ڪـــــي ســـــهڙل نـــــاهي صـــــلاح،
وســاري يــار وڃــي وينــين، چڪــن جــي چــاڪ نڻــو چينــين.

ڳجهيـــــون ڳـــــالهيون ڪـــــنهن ســـــان ڪريـــــان،
تـــو بـــن يـــار پيـــارا، ٻـــي ڪـــانهي ڪـــا ورونهـــن واهـــ.

اکيـــــون اســـــان جـــــو طـــــرف توهـــــان جـــــي،
وري وري واجهـــــائن، تنهنجـــــي رويـــــو نهاريـــــان راهـــــ.

آهـــــ "عثمـــــان" ڪـــــي اکيـــــر اوهـــــان جـــــي،
طلـــــب گهڻـــــي آ تـــــار، ســـــڪ گهڻـــــي آ ســـــاهـ.

ڪافي:26

تيــر اڪــين جــا ڏاڍا تڪيــرا، ڪــان هــڻن ٿيــون قهــاري ڏي.
توبهـــــــــــــــــــــــــــــــ توبهـــــــــــــــــــــــــــــــ زاري ڏي.

اڪڙيــون عاشــقن ڪــي آهــن ڳولهينــديون، مــاريءَ وانگــر مــاري ڏي،
جو منهن پوي سو ماري وجهن ٿيون، ڏورئون ڏئي ڏيڪاري ڏي.
توبهـــــــــــــــــــــــــــــــ توبهـــــــــــــــــــــــــــــــ زاري ڏي.

قهـــري تيـــر ڪـــات جنـــين جـــا، خـــوني نـــين خمـــاري ڏي،
ڏنـگ هـڻن اهـي نسـنگ ڪـن ٿيـون، ڪـاريهر جـان ڪـاري ڏي.
توبهـــــــــــــــــــــــــــــــ توبهـــــــــــــــــــــــــــــــ زاري ڏي.

ديــدن ســان ڏوپــار لنگهــائن، جيــري منجهئــون جــاري ڏي،
دم دم دانهـون اهـي جـي ڪـن ٿـا، جيڪـي عشـق ڪيـا آزاري ڏي.
توبهـــــــــــــــــــــــــــــــ توبهـــــــــــــــــــــــــــــــ زاري ڏي.

عــادت عيــنن ڪــي "عثمانــا"، ســهڻي يــار ســيڪاري ڏي،
چــال اڪــين جــي آهــي چگيــري، ســوپ ڪــٽن ســرداري ڏي.
توبهـــــــــــــــــــــــــــــــ توبهـــــــــــــــــــــــــــــــ زاري ڏي.

ڪافي:27

تنهنجـــي اڪـــڙين جـــادو لايـــو، گهـــورن ســـان وجـــن ٿيـــون گهـــايو.

اڪيـون ڪـن ٿيـون ايـڏي اپـاهر، ڪـين گهـرن ٿيـون ڪـنهن جـي واهـر،
پـــٽن ڪـــائن جيـــئن بـــاز ۽ نـــاهر، ســـرس ڪيـــون پـــي ســـايو.

نـــيڙ هـــٽن ٽـــا نيـــزا نوڪـــان، مزگـــان ڏيـــن ٿيـــون چشـــمن چوڪـــان،
ڏاڙ وي لوڪـــــان ڏاڙ وي لوڪـــــان، خـــــوني خنجـــــر ڪُپـــــايو.

اهي "عثمـان" ديـدان دونـاليون، ڪهڙيـون ڪيـان مـان تـن جـون ڳالهيـون،
ريءَ نشـــي جـــي وتـــن خمـــاريون، نـــاز نيـــٽن جـــي نِوايـــون.

ڪافي:28

تنهنجــي مُــنهن مهتــاب ڏسـڻ لئــ، لعلــڻ پــاڻ سِــڪايان ٿــي.

دوست اوهان ڪي ڏيان ٿي دانهون، ادب سان ٻڌي ٻئي هي ٻانهون،
منهنجــي آس اَڻــم ايــڏانهون، سِــجدي ۾ سِــر نوايــان ٿــي.

سـائين سـوال سـڻ هـي منهنجـو، درسـن دوسـت ڪرايـو پنهنجـو،
تــنهن ۾ مطلــب آهــي منهنجــو، وِرهــ لڳــو مــون واجهايــان ٿــي.

اچـي "عثمـان" سـان هـڪ ٿيندين، دوسـت دلاسـو دل ڪـي ڏينـدين،
جيـوين تيـوين ننگـي ننـگ پـال، سـنگ نـ ٻيـو ڪـو سـاهيان ٿـي.

ڪافي:29

تـــو ڪـــي ســـنيارِي ٿـــو ســـاهه، منهنجـــا جـــاني اينـــدين ڪـــڏهن.

سِـــڪ تـــ ســـيني ۾ تنهنجـــي سُـــهڻل، انـــدر ٻـــري ٿـــو آڳاهـــه،
تـــــــو ڪـــــــي ســـــــنيارِي ٿـــــــو ســـــــاهه.

اڪڙيـــون اســـان جـــون طـــرف توهـــان جـــي، رويـــو نهـــارن راهـــه،
تـــــــو ڪـــــــي ســـــــنيارِي ٿـــــــو ســـــــاهه.

اڳـــــڻ اســـــان جـــــي يـــــار پيـــــارل، آڻينـــــدءِ تـــــ الله،
تـــــــو ڪـــــــي ســـــــنيارِي ٿـــــــو ســـــــاهه.

آهـــي "عثمـــان" ڪـــي تنهنجـــي اچـــڻ جـــي، اهـــو وڏو ويســـاهه،
تـــــــو ڪـــــــي ســـــــنيارِي ٿـــــــو ســـــــاهه.

ڪافي:30

پنهنجـــو پـــاڻ سُـــجاڻي، مـــران ٿـــي هَلـــي اَڄُ هـــاڻي.

تنهنجي عشق جون ڳالهيون ڳايان، لوڪ ساري کي پنهنجو حال سڻايان،
اســـان کـــي تنهنجـــا آهـــن قـــول ڪهـــاڻي.

آيـون منـڊڻيون يـار موچـاريون، لال بسـنت ڪيـون هَـر جـا بهـاريون،
اڄ تـــــــ گلـــــــن ۾ ڪيـــــــون روح رهـــــــاڻي.

آيـو "عثمـان" اوهـان وٽ سـوالي، تـنهن سـان ڪيـو وحـدت وصـالي،
محبـــــــت تنهنجـــــــي آ ســـــــاهه ســـــــيباڻي.

ڪافي:31

پڇـــڻ جـــي جـــاءِ جـــت نـــاهي، ٿيـــو اٿـــم ات ســـاھ جـــو ســـيھڙو.

مـــل اچـــي مـــون ســـان ھـــڪ ٿـــي ھـــاڻي، محـــب مـــران ٿـــي مـــولا ڄـــاڻي،
ســـــــاھ ســـــــان ســـــــحر ڪيـــــــو ٿـــــــي ڪيھـــــــڙو.

اڳ نـــ ڄـــاتو، مـــون نـــ ســـجاتو، پـــيڇ پنھـــل مـــون ســـان پـــاٽھي پـــاتو،
ھـــــــوش عقـــــــل منھنجـــــــو تـــــــنھن ۾ وئيـــــــڙو.

تـــن تيلاھـــون ٿـــو تـــوڏي نـــانگھي، ســـڇڻ جـــڏھن وئـــين پنھنجـــي ســـانگي،
تـــــــڏھن پـــــــاتو ھـــــــو لالـــــــڻ ليئـــــــڙو.

آھـــي "عثمـــان" انھـــيءَ جـــي لاري، دلـــڙي ويـــو ٿـــم دوســـت ڏتـــاري،
جـــــــڳ ۾ ڪـــــــونھي جانـــــــب جيھـــــــڙو.

ڪافي:32

پچو نہ عشق جي ذات، آهي ذات الائي چا.
نالو عشق برهہ، نينهن نسنگ ناٿ الائي چا.

ڪڏهن صيد، ڪڏهن صيادم ڪڏهن قتل ڪربلا،
ڪڏهن ڪاسائي، ڪڏهن تيغ، ڪڏهن ڪات الائي چا.

وجهي ڪرٽ ڪيئن چيرائي، سر ذڪريا مثان،
ڪڏهن واچ، ڪڏهن مينهن، ڪڏهن رات الائي چا.

ڪڏهن مير، ڪڏهن وزير، ڪڏهن بادشاهہ بلا،
ڪڏهن عدل، ڪڏهن آل، ڪڏهن بات الائي چا.

"عثمان" آڻبنگ، لکين عشق روئاريا،
ڪڏهن نانگ، ڪڏهن شينهن، ڪائي وات الائي چا.

ڪافي:33

پهريون سڃاڻج پاڻ، سيڪا صورت پوءِ سُجاڻين.

خلق آدم صورت سارو، پاڻ وساري ڪر تون نظارو،
اهو اٿيئي اُهجاڻ، جاڻ وجائي پوءِ تون جاڻين.

گهوٽ آيو آ تنهنجي گهر ۾، وَفي انفسڪم آهي اندر ۾،
منجهه وجود وڃاڻ، طرف ٻئي تون ڇو تون تاڻين.

ڪثرت نالو تنهنجو ناهي، ساڳي ذات اصل ڪان آهي،
سا تان آ توئي ساڻ، آئون وچون تون ڇو ٿو آڻين.

پير مغان "عثمان" اهوئي، بي خود جام پياري جوئي،
مٿي ڏئي مهراڻ، موج الهيٰ پوءِ تون ماڻين.

ڪافي:34

پهريون مون ٿي چيو ته ڪو مان آهيان.
جڏهن مان سمجهيم ته ڪو مان ناهيان.

"لا" واري جڏهن مان سيف سجي، پٽ هستيءَ جي ڪيم پورا پجي،
وهندي واقف ٿياسي وصال وجي، ساڳي اناالحق ٿي آءُ پانيان.

مان واري جڏهن ٻولي ٻولي، ڏنڙم من اندر جون اکڙيون کولي،
ڳوٺ پنهنجي ۾ لَڌو ٿم ڳولي، طرف ٻئي آءُ ڪيئن پو ءِ ڪاهيان.

جيڪو عرش زمين آسمانن تي، اهو خان آهي ٻنهي خانن تي،
چڙهندو برهه بقا جي بانن جو، تڏهن نانهن منجهان سارو سر آهيان.

اها "عثمان" آهي عشق ڳلي، پاڻ سجاڻڻ ناهين سولي،
جوش ۾ وئي آ جندڙي جلي، جڏهن مام پروڙيم مان ناهيان.

ڪافي:35

پيــر اچــي هــن پــڙ ۾ پــائي، ســورهيہ پنهنجــو ســر ســهائي.
عشـــــــق بنـــــــا ٻيـــــــو ڪـــــــاهي ڪيـــــــر.

سمجهڻ عشق جي مشڪل بازي، گهور ڏئي گهوريا گهور غازي،
قيــد ڪيــو وجهــي دســت دليــر، شــاهہ گــداءُ اڳيــانس چــاهي.

نيــنهن نســورو اصــلئون اڙانگــو، مــور ملاحــظ ڪــري نــہ ســانگو،
ڪـــي جـــو مـــرد مٿيـــر، خـــوف رجـــا جـــا خطـــرا لاهـــي.

اهــڙو عشــق آهــي "عثمانــا"، عــرش متــي ٿــو ڪــري آســتانا،
جتـــي واهـــر نـــاهي ويـــر، پَلـــڪ پَلـــڪ ۾ ٿـــو پهچـــائي.

ڪافي:36

جـــاتي الله تـــاتي نـــ آنءُ، ايهـــا ڳالهـــ عقـــل جـــي نـــانهن.

بـــي صـــورت ۾ صـــورت ســـاري، اهـــا جيڪـــا اصـــل واري،
ڪيهـــــــــــي چونـــــــــــدبي آءُ چـــــــــــوانءُ.

سيڪو چوي الله هڪ آهي، ڪثرت ڪنهن کي ڪونہ سڀاوي،
ڪـــــــــنهن ڏاهـــــــــپ ســـــــــان ســـــــــک ڏانءُ.

زمـــين ۽ آســـمان اُتـــي، جـــن ملـــڪ جـــي جـــاءِ نـــ جتـــي،
"لا" نفـــــــــيءَ جـــــــــو اهـــــــــو نـــــــــانءُ.

پيـــر مغـــان "عثمـــان" بـــڌايون، اڙ جـــاتي مـــون جـــاتو پـــايون،
هـــــــــاڻي پُـــــــــرجهڻ منجهـــــــــ پـــــــــوانءُ.

ڪافي:37

جـت ڪـري ويـا زورو، نمـاڻي ڪـي ننـد ۾ ڇـڏي ويـا.

ڪـري ويـا تـه ڪنـل سـان، نـاحق نسـورو،
جـت ڪـري ويـا زورو.نمـاڻيءَ ڪـي ننـد ۾ ڇـڏي ويـا.

هيـڏي شـهر پنيـور ۾، شـرو نـا تـورو،
جـت ڪـري ويـا زورو.نمـاڻيءَ ڪـي ننـد ۾ ڇـڏي ويـا.

ڏيئـي ويـا ڏڪـيءَ ڪـي، ڏونگـر ۾ ڏورو،
جـت ڪـري ويـا زورو، نمـاڻي ڪـي ننـد ۾ ڇـڏي ويـا.

اڪنـديو "عثمـان" چـوي، جانـب لئـه جـورو،
جـت ڪـري ويـا زورو، نمـاڻيءَ ڪـي ننـد ۾ ڇـڏي ويـا.

ڪافي:38

جانـــب جـــدائي جـــو ســـاڙي مـــون ڪـــي ســـور،
گھوريـــــو وڃـــــوڙو ڪـــــري ٿـــــو ڪلـــــور.

چڱيون يار سيڪاريون چاليون، منڙا منڙيون تنھنجون ڳالھيون.
چـــوري چـــپن ڪـــي ڪَيـــو مـــونکي چُـــور.

زھـــر پيـــالو يـــار پيـــاريو، اڳ ۾ مـــاري پـــوءِ جيـــاريو،
مـــــونکي مـــــاري ڪيـــــو مخمـــــور.

پيـــر اڳـــڻ اَچـــي ھـــاديءَ پـــاتو، ڄـــاڻ اھـــو مـــون تـــڏھن ڄـــاتو،
آھـــــــي تـــــــ نســـــــورو نـــــــور.

پاتي "عثمان" ڇاتيءَ منجھ جھاتي، گھور ھڪڙي جا آھيون پاتي،
ھـــــــادي پـــــــاڻ حضـــــــور.

ڪافي:39

جـــــڏهن ســـــور هليـــــا هُـــــيس ســـــاڻ،

تـــــڏهن ڪشـــــالا ڪـــــاف لنگهـــــي وئـــــي.

ســڪ نــه ٿيــا هُـيس ســنگتي، ڏڪــن ڏنــو هــيس ڏاڻ.

سسئي سڄ قبـول ڪئي، جنهن کي مليـو جت جواڻ.

هيڪـــل ڳــولي هــوت کــي، پــڌر وڏائــين پــاڻ.

گهــوري گهوريــان گهــوٽ تــان، پنهــل پســايو پــاڻ.

آريءَ ســان "عثمــان" چــوي، مــوتي نــه ڪنــديس مــاڻ.

ڪافي:40

جُڪـــي جـــيءُ جـــوڳين ڪـــاڻ، سناســـين ســـان ســـنگت منهنجـــي.

گڏيا وتن گر سان، ڪاڻ نہ ڪين ڪنهنجي،سناسين سان سنگت منهنجي.

ديـــن ڪفـــر ڪـــان ڏار ٿيـــا، پـــر ويڙـــا ڪـــن پنهنجـــي،
سناســـــــين ســـــــان ســـــــنگت منهنجـــــــي.

انهـــن جـــي "عثمـــان" چئـــي، اَهـــلَ ڏکـــي ڏاڍي اهنجـــي،
سناســـين ســـان ســـنگت منهنجـــي، جُڪـــي جـــيءُ جـــوڳين ڪـــاڻ.

ڪافي:41

جـــن پيتـــي آ صـــفائيءَ جـــي ســـرڪي،
ســـر ڏيـــن ســـلطان، مَـــٽن تـــي مُرڪـــي.

ڪـــل ڪـــلال ڏنـــي آهـــي جـــن ڪـــي،
تـــن لڳـــي آهـــ تـــان، نشـــي ۾ پيـــا ڊرڪـــي.

ڪَـــلَ نشـــي جـــي جـــن ڪـــي پيـــڙي،
ڪـــين بُـــڌائين عـــام، چـــپن مـــان چُرڪـــي.

متـــــــارا مئخـــــــانن ۾ آيـــــــا،
جـــان ڪـــرن قربـــان، ڪـــڏهن نـــ ڪُرڪـــي.

موتـــــوا قبلـــــل جـــــي مـــــام ٻـــــڌائون،
هســـــتي هـــــئڻ "عثمـــــان"، لڪـــــائڻ لرڪـــــي.

ڪافي:42

جـــــــن لئـــــــ ٽـــــــيس مـــــــان جوڳيـــــــاڻي،
دل لٽـــــــي ويـــــــو آ دلبـــــــر جـــــــاني.

جانـــب ڪـــاڙ جهـــان ۾، شـــهر ڦـــران ٽـــي ســـيلاني،
دل لٽـــــــي ويـــــــو آ دلبـــــــر جـــــــاني.

اڳ نـــــ هئـــــڙس اَهـــــڙي، نيـــــنهن ڪـــــيس نـــــاداني،
دل لٽـــــــي ويـــــــو آ دلبـــــــر جـــــــاني.

اچـــي پـــرين "عثمـــان" ســـان، گـــڏ ٽينـــدين شـــل گـــذراني،
دل لٽـــــــي ويـــــــو آ دلبـــــــر جـــــــاني.

ڪافي:43

جيـــڏيون ڪيـــئن وســـاريان، پنهنجـــو ملـــڪ مليـــر.

پـــٽ پهرينـــدس ڪينڪـــي، لـــوئي ابـــاٽي ليـــر.
پنهنجـــــــــو ملـــــــــڪ مليـــــــــر.

ڪـــرڙ ڪڪوريـــا ڦـــوڳ ڦلاريـــا، پيـــرون پڪـــا ٿـــي پليـــر،
پنهنجـــــــــو ملـــــــــڪ مليـــــــــر.

"عثمـــان" آڪـــي عشـــق منجهـــارئون، عمـــر نـــه ڪـــر اَســـير،
پنهنجـــــــــو ملـــــــــڪ مليـــــــــر.

ڪافي:44

جيڪا آهين تون ذات، ٽئين وجي ساڳي سائي.

جاءِ جنهين "لا" ظاهر ظهورو، اتي عشق جو ڪامي ٽو ڪورو،
موتوا قبل مرجات، ڪنهن سان ڪندين، پوءِ وَصل جدائي.

اصل آهين تون لامڪاني، پوش پهري تون آئين انساني،
صحي ڪر صفات، وفي انفسڪم بولي ٻڌائي.

جڏهن ڪرين ٽو جسم وسارو، تڏهن پسين ٽو نوري نظارو،
عين ٽيئي اثبات، سير ڪري ڏس ساري خدائي.

ڪيڏ "عثمان" بره بنوالي، پاڻ ڇڏي ٽيءُ پاڻ ڪان خالي،
ڪير آهين ڪمذات، اصل سڃاڻي ڪر تون ادائي.

ڪافي:45

جيڪا مان ٿي پانيم، مان ناهيان، جڏين مام سجاتم مان آهيان.

مان واري جيڪو ٻولي، ڏٺم اندر جون اکڙيون کولي،
ڳوٺ پنهنجي ۾ لڏڻم ڳولي، طرف ٻئي وري ڪيئن ڪاهيان.

"لا" واري جڏين سيف سجي، پورا ڪيم هستيءَ جي پت پجي،
وهندو واقف ٿياسي وصال وجي، اتي مام پروڙيم تہ مان ڇا آهيان.

عرش زمين آسمانن تي، جيڪو خان آهي پنهنجي خانن تي،
چڙهيو آهي برهہ بقا جي بانن جو، اتي ڳيت اناالحق ڳايان.

اها "عثمان" عشق ڳلي، آهي پاڻ سجاڻڻ لئي سولي،
جوشن ۾ وئي جندڙي جلي، اتي نانهہ منجهئون مان سارو آهيان.

ڪافي:46

جيڪي ٻوليون عشق ٻڌايون، سي دين ڪفر ۾ ناهن آيون.

ابتڙ آهي عشق جي ٻولي، سمجهي سالڪ پريت پرولي،
اهي اعتبار ۾ آيون.

عشق جنهن تي ڪري امارو، اسم جسم جو ڪري وسارو،
ڏئي وجود وجايون.

عشق جي ساقي سرڪ ڏئي ٿو، اها "عثمان" جو ٻِڪ پئي ٿو،
وجي ٿو ڪنڌ ڪپايون.

ڪافي:47

جيڪـــــــــي هونـــــــــدم حيـــــــــاتيءَ ڏينهـــــــــڙا،

گـڏ گـولـيءَ ســان گذارينـدين، ننـگ پـال هـادي ننـگ پالينـدين.

در پنهنجـــي تـــان تـــون دلبـــرا، لائـــق پريـــا نـــ لوڏارينـــدين،

پـــرچڙ پنهنجـــي جـــون ڳـــالهيون، ســـهڻل يـــار ســـيڪاريندين.

ديـــــدان ديـــــدن ســـــامهان، ڪڻـــــي نـــــيڻ نهارينـــــدين.

الله لـــڳ "عثمـــان" ڪـــي، درســـن دوســـت ڏيڪارينـــدين.

ڪافي:48

چـــا كـــون ٿـــو چـــڏي وجـــي، گونـــدر گـــڏي وجـــي،
بـــــر ۾ بيـــــراڳڻ ڪيـــــوَ، سُـــــج ۾ سناســـــڻ ڪيـــــوَ،
پنهـــــــــون پيـــــــــارا منهنجـــــــــا خـــــــــان.

ٿـــرن بـــرن ۾ ان نڪـــو پـــاڻي، پـــرت پيـــاري جـــي ســـاهه ســـيباڻي،
پئـــــي آهيـــــان پـــــڻن تـــــي الله جـــــي امـــــان.

ڏڪـي كـي ڏاڍو ڏونگـر ڏورڻ آيـو، اٿـو ڏي سـرتيون سـاڻ سـنياهيو،
هڻـــــي وئـــــين هيڻـــــيءَ كـــــي ڪُـــــك وارا كـــــان.

آكي "عثمان" مان انهن جي آهيان، سچ چوان ٿي ٻي ڪنهن جي ناهيان،
ووڙينـــــــدس ور كـــــــي كڍـــــــي ســـــــاز ســـــــامان.

ڪافي:49

ڇڏي ڪيچ ڪوهيار، هت ڪنهن قسمت آندو.

سعيو هڙس سير جو، سير ڪرڻ سنسار،
وطن کان ڇٽ واندو.

هتي هڙو هيڪلو، ڪم سڪيو اچي ڪار،
ڪٽن ۾ ڇٽ ڪاندو.

آئي تنهنجي عيدان ٽيڙون، صورت ۾ سردار،
سپ ڪنهن کي سيباندو.

آيو "عثمان" ذات مٽائي، لٽا غم غبار،
لال ڻ ليئو پائيندو.

ڪافي: 50

حسن مير حسين ڪي ورتيون ٿا وَڃن،
ڪنيو وڃي غريب سان ميلڪ معصومن.

ننڊي چيو وڏي ڪي، ادا مير حسن،
قابو ٿيا سي قيد ۾، سوگها مندو تن.

جابر چنني موڪلي، پوپٽ منجهه پرن،
ڪنيو وچ واءُ واچوڙا، جتي علي رضه جن.

راڻي گهوٽ گهرايا، پسڻ لئه پرين،
آسي "عثمان" چئي، هت لعل ٿا لڏن.

ڪافي: 51

حسن جنگ جا هزار زخم ها ته ها،
سيني تي عاشقن جي لڳا نا ته ناتا نا.

چنيڙ چوهه کان اکين، ڇڙا چلڪ ٿي ڇُٽا،
ڏُو ڏُو جي ڏڪ لڳا ته ٿيا گهاتا گهاتا گها.

ڏنگا ڏور نا رهن، جاڙا جنگ کان جدا،
ابروءِ مثل تيغ وهيا کات کا.

زلف زور سان زنجير وجهن ڪنڌ ۾ ڪمند،
واسينگ جان ونگن وجهي وات وات وا.

"عثمان" روز عاشق اڏيءَ تي اچي اُهي،
جي مانجهي 'موتوا' ميدان ۾ ٿيا مات مات ما.

ڪافي: 52

خيـــــال كـــــي ســـــمجهي خـــــدا، دم اعتبـــــار ۾ آيـــــو آ.

خيـــال سُـــجاڻن غوريـــا غـــازي، ســـر ڏئـــي ســـمجهن ســـاري بـــازي،
فڪـــــر ۾ رهـــــن فـــــدا، پـــــاڻ ۾ پُرجهـــــي جـــــن پـــــايو آ.

خيـــال كـــي خيـــال ســـجاڻي ســـارو، ظـــاهر بـــاطن هـــڪ نظـــارو،
ٽيـــــڙن غيـــــر جـــــدا، جـــــن گيـــــت انـــــالحق ڳـــــايو آ.

پيـــرِ مغـــان جـــي پُرجهـــي ٻـــولي، ڳالهـــ ڳُجهـــي تـــن آهـــي ڳـــولي،
جـــــن اهـــــي ٻـــــول ٻـــــڌا، لاڳ عشـــــق تـــــن لايـــــو آ.

خيـــال جـــو انـــت نـــ كـــو "عثمانـــا"، بـــي مثـــل بيچـــون بيانـــا،
ٽـــــي ڏس محـــــو مـــــدعا، وحـــــدت ڪثـــــرت كـــــايو آ.

ڪافي: 53

دارون هـــــن درد جـــــو، ڏســـــڻ بنـــــا آهـــــي ڪونـــــ.

جـــنهن ڏٺـــو ســـينگار ســـڃڻ جـــو، ڇڪَـــنُ ٿينـــدا ڇـــو نـــ.
دارون هـــــــــــــــــن درد جـــــــــــــــــو.

يـــــاري لائـــــي ٿئـــــين يـــــاڪي، ڪـــــو جـــــو پَهـــــ پيـــــون.
دارون هـــــــــــــــــن درد جـــــــــــــــــو.

آهـــــي "عثمـــــان" غـــــلام اوهـــــان جـــــو، ڳـــــٽن ســـــان ڳـــــڏون.
دارون هـــــــــــــــــن درد جـــــــــــــــــو.

ڪافي: 54

درد دڪايم دونهان، سيڪ ڏئي دلڙي سورن ساڙي.

يار ملي غمخوار جو مونکي، ويهي ڪندس ورونهان،
الله ڪندو اهو ڏينهن ڏهاڙي.

دونهان درد جا روز دکن، ٿا لهس ڏين مَر لونهان،
عشق تنهنجي ڏاڍي چونڪي چاڙهي.

دم دم دانهن ڪيان دل ماندي، سور ٿيا ٿم سونهان،
عشق لڳو تڏهن ٿيس اگهاڙي.

باهه برهه جي هئي "عثمان"، ڪيا هن قٽ قلونهان،
اُلا اچن جيئن برندي اماڙي.

ڪافي: 55

دردن جـــا طوفـــان، عشـــق اوهـــان جـــي اُلا ڪيئـــي اڌاريـــا.

لنـــو لنـــو ۾ تـــن لات لطيفـــي، حمـــد پـــڑهن ســـبحان،
ذوق اوهـــــان جـــــي ذري ڪيئـــــي مارايـــــا.

گهيـــڙ عشـــق جـــي گهڙنـــدا گهـــاتو، ڪوهـــ انهـــيءَ ۾ خـــان،
بئـــــي تـــــڙ وري تنهـــــين تارايـــــا.

ســر "عثمـــان" ســڃڻ اڳيـــون ســٺ تـــون، مرڪـــي منجهـــ ميـــدان،
مـــــرڻ جيـــــئڻ لئـــــي ســـــر ســـــينگارايا.

ڪافي: 56

دردن لايون ڏندڪارون، باهه باهه جي ٽي پڙڪي،
واٽر عشق اٽاريو، درد لايون ڏڪارون.

تنهنجي فراقن ڪئي دل فاني، تنهنجو رهيو نينهن نشاني،
ٻيو سڀ عشق اوتارون، صورت تنهنجي سهڻي چو طرف چوڏارون.

جاني جدائي تنهنجي ٽي ماري، ڏور وڃ ٽ جي ڳٽتي ڳاري،
هاڻي سو هوت هيڪارون، بي پرواهه رهين ٿو مشتاقن کي مارون.

تنهنجي ڏسڻ لئه کريان ٽي آهون، دردوندن جون سڻي دانهون،
ڏکڙا ڏين ٿا ڏيکارون، ڇڪيا چاڪ چکن ٿا دل ڦٽي ٽي ڦارون.

آهي "عثمان" سڪ سوائي، هيئن نه گهرجي جيئري جدائي،
کوڙين کريان ٽي کارون، هن ويجهاڻي دلبر ڪئي ويسارون.

ڪافي: 57

دلبـــر ســـان دل منهنجـــي اڙي، جنـــد جـــان ســـورن ۾ سَـــڙي.

ڏک يـــار لئـــي وينـــي ڏوريـــان، ڦـــٽ چـــاک چڪنـــدا چوريـــان،
پنهنجـــا پـــاڻ ســـان وينـــي اوريـــان، اهـــي ســـبق ســـورن جـــا پڙهـــي.

ســـڌ نـــه هيـــڙم ســـورن جـــي، محبـــت ســـندي مـــذڪورن جـــي،
پـــل پـــل پـــرين جـــي پـــورن ۾، دردن اڇـــي لائـــي ڏڙي.

راتيـــان ڏينهـــان ٽـــي ســـاريان، هـــڪ دم نـــه دوســـت وســـاريان،
گونـــدر ۾ ٽـــي ڏيـــنهن گـــذاريان، ســـڏڙا ڪَيـــان روئـــي رڙي.

"عثمـــان" تـــي هٽـــڙا ڏري، محبـــت اوهـــان جـــيءَ ۾ مـــري،
جـــڏهن "قـــم بـــاذني" ڊولـــڻ ڪـــري، مُئـــي ســـاهه ٽينـــدس ڪـــڙي.

ڪافي: 58

دل لُٽـــي دلبـــر جـــو وَئـــين، تـــو ڪـــي جـــاني نـــ جڳـــائي،
موٽـــــائي ســـــان دلبـــــر منهنجـــــي دل نٽـــــا ڏيـــــو.

دل وَئـــين ڏاڙو هٽـــي، هـــيءَ واه جـــا تـــو ڪـــي وڃـــي،
مانـــــديءَ ڪـــــي محبـــــوب جيـــــاريو، اوهـــــين جيـــــو.

ســـوين ڪيـــان ٿـــي حـــيلا، لکـــين ڪـــروڙين نـــيلا،
چوڙيـــان ڪـــين چٽـــي ٿـــو، قـــابو پـــيچ جـــو پيـــو.

"عثمـــان" آهـــي ســـوالي، تـــنهن ڪـــي نـــ ورايـــو خـــالي،
اميـــدوار آهـــي، تـــنهن ڪـــي پنهنجـــو چـــو نٽـــا ڪيـــو.

ڪافي: 59

دلـــــڑي دلبـــــر يـــــار، وڪـــــوڑي ويهـــــي رَهـــــين.

درد عشـــق جـــي ورهـــ واســـي، مـــونکي ڪيـــڙوَ پـــري پاســـي،
ديـــــــــــن ڪفـــــــــــر ڪـــــــــــان ڏار.

تـــازي ڪيـــڙس طلـــب تنهنجـــي، آءُ پيـــارل اڳـــڻ منهنجـــي،
يـــــــــاري مَـــــــــٺ نـــــــــ يـــــــــار.

ساهه تـــ ســوگهو ڪيئـــي ســڃڻان، مـــاڻهو ڏيـــن ٿـــا تنهنجـــا مِهڻـــا،
منهنجـــــــــــي ســـــــــــر ســـــــــــينگار.

آهي "عثمان" سڃڻ تنهنجي سڪ ۾، لنئڙي لائي وئين لالڻ لِڪ ۾،
هـــــــــــاڻي مِـــــــــــل هڪـــــــــــوار.

ڪافي: 60

دلـــڑي لـــٽڻ تـــو ڪـــي نـــا هئـــي دســـتور،
نمـــــاڻن جـــــي نـــــازن ســـــان.

عشـــــق نـــــ ڏي آرام اســـــان ڪـــــي،
ســـــوز ســـــڃڻ جـــــو آ ســـــانيڻ سُـــــور،

مـــــرڪڻ ســـــان مســـــت جـــــو ڪيـــــڙوَ،
چشـــــم ڪـــــن ٿـــــا چڪنـــــا چـــــور.

اچـــــي "عثمـــــان" تـــــي اکڙيـــــون اَڙائـــــي،
ڏســـــڻ ســـــان ڪَـــــن ظلـــــم ضـــــرور.

ڪافي : 61

دل ڪـــــــــــي دام وڌو تـــــــــــو دلبـــــــــــر،
نـــــاهي ڇـــــنڊ ڪـــــنهن جـــــي ڇـــــوڙڻ جـــــو.

”هـــو“ جـــو ڏاڍو ڏس ڏنـــائون، سِـــر جـــو ســـانگو لاهـــ ڇيـــائون،
لهـــــــــر انهـــــــــيءَ ۾ لـــــــــوڙهڻ جـــــــــو.

يـــار ســـڃڻ جـــو ســـخن بـــ ســـهڻو، ڳَـــل ڳچـــيءَ ۾ پـــاتم ڳهڻـــو،
ديـــــــن ڪفـــــــر ڪـــــــي ٽـــــــوڙڻ جـــــــو.

يـــار هـــاديءَ جـــو ســـخن فرمـــايو، ســـدا انهـــيءَ جـــو گهرجـــي ســـعيو،
ٻيـــــــــائيءَ ڪـــــــــي وري ٻـــــــــوڙڻ جـــــــــو.

چـــوي ”عثمـــان“ ســـائينءَ ســـمجهايو، تـــ جـــاءِ ڳجهـــيءَ ۾ جانـــب آيـــو،
ويهـــــــــ نـــــــــ، ڪـــــــــر وس ووڙڻ جـــــــــو.

ڪافي: 62

ديـــد ڏيڪـــارن، مرڪـــي مـــارن، ڳالهـــ ڪنـــا ڪـــن ڪيهـــي وو.

اڪـــين تنهنجـــين ۾ آتـــش ڏاڍي، جـــان جلائـــڻ جيهـــي وو،
مشـــتاقن ڪـــي مرڪيـــو مـــارن، ٿـــين ســـودائي ســـي ئـــي وو.

ســـوز وارن وٽ ســـهڻا ســـائين، واقـــف ٿيـــا هـــا ويهـــي وو،
ســـوز گـــداز ۾ ســـڙيا ســـي، نانهـــ ٿيـــا وجـــي نيهـــي وو.

ڳجهـ جـي ڳالهـ نـ ڳـرهن ڪـنهن سـان، سـور سـلن نـا سـوئي وو،
ديـــدن جـــو دريـــاءُ ڏســـي، پـــاڻ ويـــا منجهـــ پيهـــي وو.

آهـــي " عثمـــان" جـــو يـــار اوهـــان ڪـــي، معلـــوم حـــال مڙيـــوئي وو،
ڏس جنـــين جـــا ڏور پـــيم ٿـــي، ڏيهـــ گـــڏيا اَڻـــم ڏيهـــي وو.

ڪافي: 63

ڏاڍو ڪو برهه بچايو ٿئي، صبر آرام وڃايو ٿئي،
سُڌ نه سورن جي آ ڪَل ڪا مونکي.

تاکون ٿي تاراج قران مان، جاکون جادو لايو ٿئي.

ٻنگي ٻاڻ هٽي وئين ويتر، ٻولي سو ڪين ٻڌايو ٿئي.

سوگهو ساهه نٿي ڪِيئُي سانڊي، لالڻ ڪيئن نه لکايو ٿِي.

اچي "عثمان" سان ڪري عنايت، پيچ پرت جو پايو ٿئي.

ڪافي : 64

ڏکڻ جي ڪاڻ ڏاڍن سان، اکيون ڇو ٿيون اوهين اڙجو.

پڇو ٿيون پيچرو پِر جو، رکو سانگو نہ جو سِر جو،
جنين نا ترس ڪو تِر جو، متان وجي اوچتي مڙهجو.

جوکو جيءَ جي اَٽو جاتي، وجي تکيو ڪريو تاتي،
لُٽن دلڙي ليئي پاتي، ليئو پايون اوهان نا لڙجو.

ڪيو ٿيون سير جو سعيو، لکي نہ لنو اوهين لايو،
ڇو ٿيون پنهنجو پاڻ ڦاسايو، متان قابو قيد ۾ ڪڙجو.

سٽي سيپ لوڪ ليا ڪا، وجائي سيپ صحي سياڪا،
چستئون چائي قدم بانڪا، ڪاتي انهيءَ خاص ۾ چڙهجو.

اکيون، ٿوَ دوست ديوانو، ڪري ٿو محب مستانو،
اتي "عثمان" جو جانو، متان اوهين ڪل پئي ڪڙجو.

ڪافي: 65

راڻـــل ڪـــر نـــ تـــون ماڻـــا، آءُ گهـــوريءَ جـــي تـــون گهـــر.

رنـــج رُســـاما ڪـــر نـــ مُئـــي ســـان، پيـــارل ڪَـــر پرچاڻـــا،
اهـــــــــــڙا حَـــــــــــرف نـــــــــــ ڏَر.

ڪرهـــل ڪـــڏائي آءُ ڪـــاڪ تـــي، ســـوڍل يـــار ســـياڻا،
نـــــــــ تـــــــــ پونديســـــــــانءِ پـــــــــڏر.

راڻـــا ٻيـــا گهڻـــا راڄ ۾، پـــر تـــون منهنجـــي ســـاهـ ســـيباڻا،
ســـــــــائين ويهـــــــــ اڪـــــــــين جـــــــــي انـــــــــدر.

لاتـــي "عثمـــان" ڪـــي بـــره بـــي آرامـــي، وڻـــن ســـي ڪـــين وِهاڻـــا،
ســـــــــور ســـــــــڃڻ جـــــــــو جـــــــــن آ سَـــــــــر.

ڪافي: 66

رخُ واريـــــــون رَمـــــــزان مانـــــــڏهون ڪـــــــڻُ،
پانيـــــــان عيـــــــد برابـــــــر آهـــــــن ڄـــــــڻ.

آءُ پيـــــارل اڳـــــڻ اســـــان جـــــي، آءُ تـــــ ڪيـــــون پَـــــرچڻ.

سِـــــڪ ســـــيني ۾ عجـــــب بنـــــايو، وڏيـــــو وحـــــدت وارو وڻ.

عشـــــق اوهـــــان جـــــي آتـــــش لائـــــي، جيـــــئن ڪـــــوري ۾ ڪـــــامڻ.

چئـــــي "عثمـــــان" اوهـــــان جـــــو آهيـــــان، خيـــــال نـــــ مانـــــڏهون ڪـــــڻ.

ڪافي: 67

رِيءَ مرڻ جي ڪَل ڪير سمجهي، سِري و انا سِرَه اِسرار جي.
ريءَ پروڙڻ پانهنجي، اوندهه سان انڈوڪار جي.

"لا" ڪري وچ تون لنگهي، ٿي اسمون جسم ڌار جي،
"الا الله" اثبات ڪر، وَجَهُ الله ويت وار جي.

"موتوا قبل الانت موتوا"، سچ سخن سچار جي،
پوءِ حياتي ٿئي هميشه، اصل جي اعتبار جي.

آد مون آدم ٿيا، صورت ڏسو سينگار جي،
عشق کي بہ ائين ڏسي ٿو، روئي جا ديدار جي.

آءُ اچي "عثمان" بدڻ گويا ايها گهفتار جي،
سالڪ ٿي هي سمجهہ رک، ناهي دور کا ديدار جي.

ڪافي: 68

زلـــف مٿـــي مـــنهن لڙڪـــي آ، دلـــڙي انهـــيءَ ۾ اڙڪـــي آ.

تـــاب حســـن جـــي ڏســـي تجلـــي، عاشـــق جوشـــن ۾ ويـــا جلـــي،
باهـــــــــــ برهـــــــــــ جـــــــــــي ڀڙڪـــــــــــي آ.

زلـف مٿـي مـنهن بيـک بهـانو، عشـاقن جـي ڳـل اهـو ڳـانو،
تـــــــــاءُ ڏســـــــــي تـــــــــک ٽڙڪـــــــــي آ.

جلـوو ڪـري جيـڏين آيـو جـاني، حسـن هـاديءَ جـو نـور نـوراني،
ڪـــــــــوپ جلالـــــــــي ڪڙڪـــــــــي آ.

ايهـــا "عثمـــان" زلـــف جـــي قـــاهي، ســـهڻل جـــي لئـــي نـــاهي،
ڦاٽـــــــــل دلـــــــــڙي ڦڙڪـــــــــي آ.

ڪافي: 69

سامي صافئون صاف، اسم الف جو ڳائن ٿا.

ڪمر ڪولابا ڪشتہ ڪڙيون، جوڳين پنهنجي جيءَ سان جڙيون،
هر گهڙي ڪري ويا گاف، ويتر وک وڌائن ٿا.

موتواقبلل مري ٿا جيون، آب حيات هميشہ پيون،
مرڻ تن کان معاف، اسم جسم ۾ جاڳائن ٿا.

اهي "عثمان" آهن مرد يگانا، پلي اتي کن مرد ميدانا،
ڪپي ڪوري ڪوهہ کاف، نانگا ناٿ نِوائن ٿا.

ڪافي: 70

سجدو ڪيو جنهن ڄاڻي، صورت کي بہ سيجاڻي.

صورت ۾ صورت ٽيئڙا، هئڻ حجاب کون ويڙا،
جيئن پاڻيءَ ۾ پوي پاڻي.

سجدو ڪرڻ ثواب تنهن کي، صورت جي سڌ آهي جنهن کي،
سي ٽا ڏين سمجهاڻي.

جن صورت کي سجاتو آهي، پون پتنگ جيئان شمع ۾ ڪاهي،
ناهي ڪانئن پنڌ پڇاڻي.

اهي "عثمان" جي وهم وسارن، موتوا قبل پاڻ کي مارن،
تن موج الاهي ماڻي.

ڪافي: 71

سڃڻ سيباڻي يار، دل هئين منجهه هيڪاري.

ونحن اقرب اوڏڙو، ائين تون آهين يار.

جيءَ ۾ تو کي جاءِ ڏيان، منجهه ٽو مائين يار.

رمزان منهنجي روح ۾، لکيو ٽو لائين يار.

اچي پرين "عثمان" سان، ٽو ڳجهه ڳالهائين يار.

ڪافي: 72

سِڪ سامين کي وڃي تہ رسايو،
ڪرن اوپار وڃڻ جون وايون وايون.

مڙي سامين ڪيو اختيارو، لوءِ وڃڻ جو لڳو تن لارو،
ملڪ مارن جو سدا وه وارو، جڙيون جوڳين جون جايون جايون.

هتئون سامي سفر هليا، جهل ڪنهين جي ڪين جهليا،
انگ انهن جي رلمل رليا، لکئي لڏائون لائون لائون.

جت عاشقن اکڙيون اڙايون، سر جو سانگو بيشڪ لاهيون،
سوريءَ تي منصور چڙهايون، سر وڍهن سر واهيون واهيون.

عاشق "عثمان" جنهن لئہ اداسي، پسڻ خاطر گهٽو پياسي،
باس انهن اها باسي، نوبت نينهن وڃايون وڃايون.

ڪافي: 73

سڀ سڄڻ منهنجو سوال، آءُ تو لاءِ آهيان اداسي.

جاني نه ڪر مونسان جدائي، گڏ هجون سهڻا سدائي،
واه ڪر تون ويجهڙائي، وينا ڪيون قيل قال،
تنهنجي صحبت آهي قياسي.

جي تون سڄڻ مون سان ملين، ڪٽي نيڻ ٻئي خوش ٿي ڪلين،
هي ته منهنجو آهي حال، ڪر تون مون تي ٻلايون ٻال،
سپ سمند ۾ جيئن پياسي.

عرض آهي هي يار اسانجو، مقصد ٿئي سپ پورو منهنجو،
پرين منهن ڏيکارين پنهنجو، جلوه ريءَ جاني جمال،
اکڙيون منهنجون آهن اجاسي.

آءُ ته پرين "عثمان" ڏي، آباد ڪر تون دلڙي اڏي،
تنهنجي چو منئي ڳلڙي چڏي، هن وِير ڪر وهندو وصال،
سڪ تنهنجيءَ ڪيو آ اداسي.

ڪافي: 74

سوڍل تون لهج سار، مينڊرا مومل وڃئي ٿي مري.

عشق تنهنجي جون پڙڪن باهيون، چاهه ڏاڍي مان برن ٿيون چاهيون،
تاءَ رکن ٿيون تڪرار، جيئن تپن وڃن سو ڪين ڏري.

سوڍل ڪر ڪا پنهنجي ستاري، مشڪل آهي تنهنجي ياري،
توسان لڳڻي منهنجي تار، هاڻ نه ڪر مونسان هيتري.

اهو "عثمان" سوڍل يار سياڻو، جنهن سان آ پيڙو پيچ پراڻو،
ڏاري ڪندو نه شل ڏار، چاکن جنهن جي ڪيس چري.

ڪافي: 75

سڀڻي سنگت سناسين جي، منهنجو جيءُ جُڪي تن جوڳين ڪاڻ.

گڏيا وتن گُر سان، ڪاڻ نہ ڪين ڪنهنجي.

دين ڪفر ڪون ڏار، اهي پر وينا ڪَنِ پنهنجي.

وحدت منجهہ وجي، اهي مام سڃاڻن منهنجي.

انهن جي "عثمان" چئي، عين تو کي ڏاڍي اهنجي.

ڪافي: 76

سِـــير لنگهـــي بـــي سِـــير، وجـــن ويراڳـــي وهـــڻ انهـــيءَ ۾.

اَصـــل پنهنجـــي تـــي ويـــڙا اداســـي، اوڏانهـــن جـــي هـــين اُڪيـــر.

ســـامي سُـــج ۾ ڪـــن ســـفر ســـدائين، فهميـــدا تـــ فقيـــر.

جـــوڳين جهـــڙا ويـــس ڪيـــائون، ڪاپڙيـــا ڪـــن چيـــر.

اهـــي "عثمـــان" ســـڻ تـــون، انهـــن نـــامين جـــا تـــ نظيـــر.

ڪافي: 77

شـــل اينـــدين مُـــنهن نـــ متينـــدين، ننـــگ سُـــجاڻي ننگپـــال.

هـــن ويچـــاريءَ ويهـــ نـــ وســـاري، مِهـــر ڪـــري وچ منهنـــڙو ڏيڪـــاري،
ســـــاعت جـــــدائيءَ جـــــي ڀانيـــــان ســـــو ســـــال.

يـــار برابـــر تنهنجـــي ناهيـــان، اڳيـــون اوهـــانجي آءُ وري ڇاهيـــان،
منهنجـــــــي اوهـــــــان ســـــــان نـــــــاه مجـــــــال.

جانـب مـون كـان دم نـ جـدا ٿـي، ملـڻ جـا مـون سـان ٻـول ٻـڌا ٿـي،
تـــــــوريءَ هـــــــت ٿـــــــيم هيڻـــــــا حـــــــال.

اچي "عثمان" ڪي پـرين ڪيـو پنهنجـو، ٻيـو نـ وڻـي ٿـو ٻـولڻ ڪنهنجـو،
تـــــنهن جـــــا مـــــونكي هـــــت خـــــواب خيـــــال.

ڪافي: 78

شل ٿيندم ڏينهن صدورو، اينڊم يار ڪري مون صدورو.

رمز هنيو ٿو پاڻ لکائين، سڪندن کي چو ٿو سڪائين،
چڪندا چاڪ چريءَ جا چڪائين، آهي وندر سندو ته وندورو.

گولن تنهنجي آهيان گولي، مون ته ٻانهپ اصل کان ٻولي،
ڳلي ڳلي ۾ آهيان ڳولي، آءُ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گهورو.

ليکي توڙي يار نه ليکي، ته به آهيان اوهان جي ليکي،
سي ڳٽ ڳايان ڪيوَ جيکي، آهي حسن تنهنجي جو هورو.

اچي "عثمان" کي منڙا ملندين، ڪنيون نيڻ خوشيءَ مان ڪلندين،
اڳٽ اسان جي مور جان ٽلندين، آءُ گهور ڪندس سر گهورو.

ڪافي: 79

سور سڃڻ جي ڏڻا مون کي سيڪ، برہ جون باتيون اُپر انيڪ.

باہ برہ جي جيءَ ۾ پيهي، رهن عاشق تن ۾ ويهي،
تَوَ هجن توڙي تيڪ.

باہ برہ جي ۾ جيڪو ئي پوندو، ڪفر جا ڪلما پاٺهي ئي پڙهندو،
پڙهيو هجي توڙي نيڪ.

چاتيءَ ۾ جڏهن پاتَم جهاتي، سِر تي وهي وئي 'لا' جي ڪاتي،
هڪ رهيو وڃي هيڪ.

اهي "عثمانا" انهن جون اوجان، سر عاشقن حسن جون فوجان،
'لا' جي پڙهن ٿا لبيڪ.

ڪافي: 80

صـــوفي صـــافئون صـــاف، خيـــال ســـان الـــف جاڳـــائن ٿـــا.
اُهـــــي خـــــان خـــــوديءَ ڪـــــي ڪـــــائن ٿـــــا.

صـوفين لاٿـو سِـر جـو سـانگو، لڳـو تنـين ڪـي عشـق اٽـانگو،
ڪٽـــي اهـــو ڪـــوه ڪـــاف، وه واهـــ وِڪـــڙي وڏائـــن ٿـــا.

ســامين سُــرخ دکايــا دونهــان، ســير ســاري جــا ٿيــڙا ســونهان،
اُهـــي "لا" جـــي مـــاري لاف، ڪعبـــو قلـــب پـــانئن ٿـــا.

موتواقبلـــل مـــري جيـــئن ٿـــا، آب حيـــات جـــو پيـــالو پيـــئن ٿـــا،
مـــرڻ تنـــين تئـــون معـــاف، جيڪـــي اســـم ۽ جســـم وجـــائن ٿـــا.

اِهـــي "عثمـــان" اداســـي اهـــڙا، ســـخن تنـــين جـــا ســـلڻ نـــ جهـــڙا،
پنهنجـــو پـــاڻ حـــج طـــواف، هـــر جـــا حڪـــم هلائـــن ٿـــا.

ڪافي: 81

عاشق ڪر ريءَ پرن پرواز، هٿين پيرين ير هلي هر ڪوئي.

سينا ساڙي صاف ڪيائون، دردن ڏيئي دل کي داغ،
بجلي وانگي ويا اهيئي، ڪيا هن باز.

ألي عشق جي نيا أڏاري، وَجٽ وجائن نينهن ناز،
پيئن اوقات واهيري ويڙا، ديدان ٽيئڙن دور دراز.

ڪعبو ڪري دل پنهنجي اندر، پڙهن ٽا نينهن نماز،
ظاهر زُهد نہ ڪن ٽا ڪوئي، باغن ۾ ٽن بره بياض.

أهي "عثمان" انهن جون چاليون، جيڪي پيا ڪمائن عشق مجاز،
نفي منجهان اثبات ڪيائون، سوري سڪ جا سرندا ساز.

ڪافي: 82

عشق بنا ٻيو ڪاهي ڪير، پير اچي هِن پڙ ۾ پائي،
سوريءَ تي نئي سِر سنباهي.

عشق رڳو آهي آتش بازي، گهڙن اِنهيءَ ۾ گهنور غازي،
هجي ڪو مانجهي مرد مٿير، خطرا رِجا جا لاهي.

اونهو بحر عشق جو آهي، ڪامل ويندا اُتي ڪاهي،
ڪيڏا ڪري ٿو عشق انڌير، سهسين ٿو سيس گنوائي.

نينهن نسورو آهي نانگو، مور ملحظو رکي نہ سانگو،
جڏهن وجهي ٿو دست دليـر، شاهه گدا اڳيائنس چاهي.

اهڙي عشق آهي "عثمان"، عرش مٿي وجي ڪري آشيانا،
جتي ويري نہ ڪو ويـر، پل پلڪ ۾ نيئي پُهچائي.

ڪافي: 83

عاشق مويا تہ بہ ڪيا هي، پروان شمع هڪ ٿيا هي.

عاشق اپڻا سر گنوايا، خون دلبر دي ڳل پيا هي.

حسن شمع رلمل عاشق، تہ اي ٻيا هي نا او ٻيا هي.

"عثمان" صدق هادي تون، جنهن خيال ميرا ڪس ليا هي.

ڪافي: 84

عشق پانيم آسان، پوءِ ڏني آهي ڪا ست سورن.

عشق اصل ڪان آهي اويڙو، دين ڪفر سان لائي جهيڙو،
ڪو نه پچي ٿو ايمان.

عشق لڳو تان چور چري ٿيس، وهم عقل ڪان ساري وئيڙس،
نينهن ڪيو نادان.

عشق عقل جو وهڻ وجايو، جڏهن اوطاق انهيءَ ۾ آيو،
مون وٽ ٿيو مهمان.

عشق حسن ڪئي فوج چڙهائي، اچي "عثمان" سان لاتائين لڙائي،
اهو سندس سامان.

ڪافي: 85

عشـــق نڙو ڏي آرام، آيـــل ڇـــو ٿيـــون مشـــتاقن مـــاريو.

دلـــــڙي منهنجـــــي ٿـــــوَ ڪـــــان ڪـــــتڻ تـــــي،
ڪـــــو نـــــہ ڪنـــــدي ســـــا تـــــہ ڪـــــام،
چرخـــــو چنـــــدن جـــــو ســـــاڙيو ڪـــــي ٻـــــاريو.

عشـــــق ورتيـــــون ســـــپ واڻـــــان ورڻ جـــــو،
جيجـــــل پيئنـــــدس جـــــام،
نيـــــنهن نشـــــي ڪنيـــــو ڇـــــو ٿيـــــون ڏتـــــاري.

چشـــــمان چراغـــــان ٻئـــــي ٻـــــرن ٿيـــــون،
پـــــورا ٿيـــــا ســـــرانجام،
پـــــروانن واس اڪـــــين ســـــان اڙايـــــو.

"عثمـــــان" آڪـــــي آهيـــــان جـــــو اهـــــڙي،
دل ڪـــــي وجهـــــي ويـــــا دام،
ناهيـــــان ننـــــديِ مـــــون ڪـــــي ڇـــــو ٿيـــــون ســـــيڪاريو.

ڪافي: 86

عمـــر رات ٻـــڌيون هـــيم، هـــنجن جـــون هونگـــارون،
آنـــــدو آب اڪـــــين، وهـــــن نيٽـــــين نـــــارون.

ڪـــري ڪشـــت پهريـــون ڪاڙهـــا تـــپن ٿـــا،
پهـــرين مهـــل اتـــر ڏانهـــن بـــادل ڀڃـــن ٿـــا،
اُنـــي جـــون مهـــر تـــي ميـــنهن جـــون ملهـــارون.

اوهـــان وٽ دهـــل دف ڏوڪـــڙي ڳائڻـــا ڳـــائن ٿـــا،
اســـان وٽ چـــڑن جـــا بـــرن ۾ واڄـــا وڄـــن ٿـــا،
چيريـــون چيـــڪ چـــيلن وڄـــن لعـــل ســـارون.

"عثمـــان" انـــدر ۾ عشـــق جـــا آڙاهـــ ٻـــرن ٿـــا،
جـــدائي جـــا جگـــر ۾ دونهـــان درد دکـــن ٿـــا،
مـــوه مـــارن ڏانهـــن جـــڏهن واڳـــون ورايـــون.

ڪافي: 87

ڪارونپـــــــار وجـــــــن ٿـــــا ڪـــــــاهيون،
سِـــــڪ ســـــامين ڪـــــي نِئـــــي ٿـــــي ســـــاهيون.

سـامين اتـي نئـي اڪڙيـون اَڙايـون، سـر جـو سـانگو لاهيـون،
سـوليءَ تـي منصـور چڙهـايون، نوبـت نيـنهن وڃـايون وڃـايون.

صـورت ريءَ جـو سـامي هليـا، جهـل ڪـنهن جـي نـا جهليـا،
رمـز انهـيءَ ۾ رلمـل رليـا، لِڪئـي لـڏيون لائـون لائـون.

سـامين سـفر اهـو اختيـارو، لـوءِ وجـڻ جـو لڳـو اڻـن لارو،
ملڪ مـارن جـو سدا وهنـارو، جڙيـون جـتن جـون جـايون جـايون.

اهـي "عثمـان" اصـل اداسـي، پسـڻ خـاطر وتـن پياسـي،
بـس ڪـرڻ جـي تـن بـاس باسـي، مـنهن ۾ اڻـن سـوراهيون.

ڪافي: 88

ڪاڻ تنهنجي يار جاني، وتان بيراڳڻ بيبي.

ڳجهه جون ڳالهيون ڳايان، ٻئي کي ڪين ٻڌايان،
سهڻا تو کي سليان ني، ڪالهه ڪيئي سڃڻ سيبي.

پکي پاڻهين اچي پينين، دلڙي لٽي وڃي وينين،
توسان آر ڪيئن ڪيان ني، ريب ڪري وئين ريبي.

دوست دلاسو ڪو ڏينديں، اگڻ مُئي جي ڪڏهن ايندين،
پنهل توسان پرچان ني، ڏس ته مونکي اهو ڏيبي.

اچي "عثمان" سان ملنديں، ڪٽي اکڙيون ٻئي کلنديں،
ڏسان صورت کا لاثاني، وجن ڏکڙا هليا هيبي.

ڪافي: 89

ڪنهن ڪان سڪين يار سيباڻا، ايڏيون بره ۾ بيپرواهيون.

هيئن نه گهرجي يار نڏر سان، جيئري ڪرڻ جدايون،
سوال ڪندي ٿيا سنڌ ئي ساڻا.

اول اڙائي عشق اکين جو، پوءِ ٿيي سرواهيون،
گهايل دل کي وجهي وئين گهاٽا.

آءُ "عثمان" ڏي سهڻا سائين، پاڻ اڇ پرچايون،
مُلهه ڇڏل سان ڪرين کيها ماٽا.

ڪافي: 90

ڪَهـُ تـون ڪانـگ ڪلامـان، آهـين تـون جـيءَ جـو جيـاپو،
منڙيـــــون منڙيـــــون تنهنجـــــون مامـــــان.

ڪانـــــگ! جـــــدائي آءُ نـــــ ســـــهان ٿـــــي،
رمـــــز انهـــــيءَ ڪـــــؤن آءُ نـــــ رهـــــان ٿـــــي،
دم جـــــدا نـــــ جيـــــان مـــــان،
دونهـــان درد دکـــن ٿـــا، اهـــي ســـي ڪـــين اجهامـــان.

ڪانـــــگ! اچـــــڻ جـــــي هَـــــنِ ڪـــــا تيـــــاري،
آءُ تنـــــي جـــــي محبـــــت مـــــاري،
ســـــوزن منجهـــــ ســـــڙان مـــــان،
باهـ برهـ جـي ٿـي پڙڪـي، ڪـوري ۾ عشـق جـي ڪامـان.

جـــــي تـــــون ڪانگـــــل ائـــــين او ڏاهـــــون،
ڪيئـــــ ڪـــــي عجيـــــبن ســـــان منهنجڙيـــــون آهـــــون،
اهـــــي ســـــي بـــــول بـــــڌان مـــــان،
ڳجهڙيـون ڳجهڙيـون سـي ڳالهيون، ڪنديس سڃڻن سامهان.

ڪانـــــگ! اســـــان ســـــان ڪـــــڏهن ٿينـــــدو ميلـــــو،
اچـــــي "عثمـــــان" چئـــــي ســـــڃڻ ســـــويلو،
ڪـــــل ڏيـــــو اوهـــــين ڪـــــا مـــــان،
گـولي ٿـي تـ گـذاريان، گـڏ هجـان سـانئن سـان مـان.

ڪافي: 91

ڪهـــڙي بنـــائي بـــازي، آزي عشـــق ڪرائـــي ٿـــو.

عـــالم عابـــد عشـــق پُلائـــي، شـــاهه گـــداگر شـــير نـــوائي،
تـــرت ٿَنهـــين ســـان تـــازي، آزي عشـــق ڪرائـــي ٿـــو.

عشـــق اچـــي جـــت خيمـــا ڪـــوڙي، ديـــن ڪفـــر جـــا ٽِگـــا ٽـــوڙي،
مـــلان هجـــي تـــوڙي قاضـــي، آزي عشـــق ڪرائـــي ٿـــو.

پنـــڌ عشـــق جـــو اوڪـــو آهـــي، ڪامـــل وينـــدا ڪـــي اُت ڪـــاهي،
جـــاتي 'قبـــل' نـــاهي ڪـــو 'ماضـــي'، آزي عشـــق ڪرائـــي ٿـــو.

سر "عثمان" هاديءَ تان گهوري، آءُ نہ پڃان تنهنجي هڪڙي ٿوري،
رمـــز ڏنـــي دل راضـــي، آزي عشـــق ڪرائـــي ٿـــو.

ڪافي: 92

ڪيچ ڇڏي ڪوهيارو، ڪنهن قسمت آندو هو،
اُتي هُيڑو هِيڪلو، سيل ڪرڻ سنسار.

وطن ۾ واندو هو، ڪنهن قسمت آندو هو،
سعيو ٿيڙس ڪم ڪرڻ جو، سڪيو وجي هو ڪار.

ڪٽن ۾ هيڪاندو هو، ڪنهن قسمت آندو هو،
آئي تنهنجي عيدان ٿيئڙيون، لٿا غم غبار.

لعل ليئڙو پاندو هو، ڪنهن قسمت آندو هو،
آيو "عثمان" ذات مٽائي، صورت جو سردار.

ڪافي : 93

ڪين سڃاڻي ڪين ٿيا، ڪين ڪي ڄاڻي ٻيو ڪير.

ڪين وارو ڪن آهي ڪاري، جيڪي گهڙيا تن سُڌ ساري،
پوَ انهيءَ جو پير، ڏاها اهو ڏسين ٿيا.

ڪين وارو جن سير سڃاتو، انهن اڻ ڄاتو آهي پاتو،
عاشق ڪن ٿا انڌير، هستي وجائي حسين ٿيا.

ڪنڌيءَ ڪين ڪنارو ناهي، ڪوپا ويندا ڪي ات ڪاهي،
سر نہ ڪو جاتي پير، رنگ رچائي رنگين ٿيا.

اهي "عثمان" انهيءَ پنڌ آيا، جيڪي پير مغان پرجهايا،
شوق جنين جو آهي شير، اَملُ سڃاڻي امين ٿيا.

ڪافي: 94

ڪيئن نہ وڃان، ٽيان ڪوڙي، ٻول ٻڌا هَم وَرَ سان ويهي.

وَر تہ پنهنجي ڪي ووڙي لهندیس، پنهل آهي منهنجي موڙي،
ڪنديس ڪشالا پٹر ۾ پيهي، ٻول ٻڌا هَم ور سان ويهي.

جبل لنگهنديس جوش منجهارون، جئين تہ وجي واچوڙي،
تڪڙي ويندیس تن ڏي تيهي، ٻول ٻڌا هم ور سان ويهي.

ڪنديس مان چا غلم غاليچا، سپ درياه ۾ وجهنديس ڏوڙي،
ڏيهہ انهيءَ ۾ وجي ٽيا ڏيهي، ٻول ٻڌا هَم وَرَ سان ويهي.

ڳالهہ ڳجهي آ اها "عثمانا"، پاڙيچن سا نہ پروڙي،
سڌ سرتين ڪي آهي ڪل ڪيهي، ٻول ٻڌا هَم وَرَ سان ويهي.

ڪافي : 95

ڪين ٿي عاشق سڃاڻن، ڪين واري حال کي،
ذات ۾ ذاتي ٿيا، قربان ڪيائون قال کي.

گم ٿيا وجي ذات ۾، صَحي ڪر صفات ۾،
ڏينهن توڙي رات ۾، وجي خود ڪيائون خيال کي.

پول هستيءَ جا پجي، ويا وجائي ات وجي،
موتواقبلل ڳالهيون مجي، پوءِ سمجهئون سوال کي.

وجي "ناهه" منجهه نفي ٿيا، اثبات ڪري اڳتي ويا،
قلزم پسي پيهي پيا، واقف ٿيا وصال کي.

"عثمان" نانءُ سڃاڻ تون، پنهنجو نه آڇ پاڻ تون،
ڇاڻي وجائج ڇاڻ تون، ڏس جذبو جوش جلال کي.

ڪافي: 95

ڪيت پسڻ جي خوشي اٿم، انڙو ملڪ مليئر مارن جو.

مکڙ ۽ ماکيون تنهنجا کيڙ نہ کائيندس، لوئي اباڻي ڪين لڇائيندس،
ڪٽو وڃي پيئندس کير مارن جو.

ساعت ساعت ۾ سانگي ساريان، اهڙا اباڻا ڪيئن وساريان،
جيءَ اندر اٿم کو جهير مارن جو.

ننگي پنهنجو ننگ نہ ڇڏيندا، نڏر نماڻي نال جو نيندا،
صاحب رکجانءِ تون سير مارن جو.

اچي "عثمان" پنهوارن پٽن ۾، خوش ڪن ڪٽيون لٽن ۾،
بنڌڻ نہ مَرڪ منديرمان جو.

ڪافي: 96

لايــون ٿــو لِــڪ لڪــين، گهڻــو ٿــو مــن سِــڪي.

ڪــري نقــاب مــون آئــين، مــاڻو چــو يــار رکــين.

پرچڻ پنهنجي جون ڳالهيون، سڃڻ ڪنهن کون سکين.

آءُ پــــــرين "عثمــــــان"ڏي، ڪٽــــــي آ وک وکــــــين.

ڪافي: 97

مـــــارن جـــــي مِلـــــڙ جـــــي خوشـــــي اڻـــــم ڏاڍي،
ڪيـــــت ڏســـــڙ جـــــي خوشـــــي اڻـــــم ڏاڍي.

مکڙ ماکيون ڪائن نہ ڪائيندیس، لوئي اباڻي لاهي ڪين لڃائيندیس،
انـــــو آهـــــي ملـــــڪ مليـــــر مـــــارن جـــــو.

نيٺ مارو پنهنجو ننگ نہ ڇڏيندا، نڏر نماڻي ورتيون نال نيندا،
صـــــاحب رکينـــــدو ســـــير مـــــارن جـــــو.

ساهہ سانگين کي سدا منهنجو ساري، اهڙا اباڻا ڪيئن ويهان وساري،
جـــــيءَ انـــــدر اڻـــــم جهيـــــر مـــــارن جـــــو.

اهي "عثمان" پنهوارن پٽن تي، خاصيون ڪٽيون ڪنيون پائن لگّن تي،
ٻـــــڌڙ نـــــہ ملـــــڪ مـــــدلير مـــــارن جـــــو.

ڪافي: 98

مـــــارئي ميـــــر عمـــــر، ســـــنگهارن جـــــي ســـــڏجي.

عمـــــر آنـــــدي مـــــائي زور ڪـــــري هـــــيءَ زوري،
ڪـــل نـــ پئـــي مـــارن ڪـــي چـــور ڪـــري آئـــين چـــوري،
خبـــر پـــوي هـــا ڪـــين مـــارڻ ٻـــاجهون نـــ مڙجـــي.

تنهنجـــا بـــنگلا مـــاڙيون ڪـــم مـــون ڪـــين اچـــن،
ويڙهيچـــا ويـــڙهن ۾ ٽـــا واري واري تـــي ويهـــن،
پـــاڙي تـــنهن جـــي پکڙيـــو ابـــاڻن ســـان اڏجـــي.

منـــڙن مـــارن جـــون منڙيـــون مجلســـان،
جيڪـــر ٻـــڌي هونـــد ڪـــرين هـــا ريســـان،
ســـنگت ســـنگهارن جـــي ڇـــو چنـــي اهـــا ڇـــڏجي.

اتـــي "عثمـــان" ســـرتيون ســـاهيڙيون ســـارن،
ڳجهـــ انـــدر جـــون ڳـــالهڙيون هـــر هـــر ٽيـــون ڳـــارن،
موڪـــل ڏي تـــ مـــلان گـــڏ وجـــي ٽيـــان گـــڏجي.

ڪافي: 99

مـــارن جهـــڙا ماڻـــا، ڪـــنهن ڪـــان ســـڪئين يـــار ســـياڻان،
جـــوڙي جـــادو جانـــب مـــونکي، دوســـت هٽـــي وئـــين داڻـــا.
وتـــــــــون ٿـــــــا يـــــــــار ويڳاڻـــــــــا.

ٻانهـــان گـــولا آهيـــون اوهانجـــا، ديـــد خريـــد وِڪاڻـــا،
تنهنجـــــــي نـــــــالي اصـــــــل نماڻـــــــا.

عـرض ڪيـان ٿـي ڪـري نـہ سـگهان ٿـي، ويـرن جـان ڏيـو وراڻـا،
ڏيئـــــــــــــي ڏپ ڏاءَ ڏيڃاڻـــــــــــــا.

بـــاه بـــره جـــي ييـــڙ ڇڪـــي، دونهـــان درد دکاڻـــا،
اُهـــــــي ڪـــــــين اُجهاڻـــــــان.

اچـــي "عثمـــان" جـــي دل تـــي دلبـــر، ســـلا سِـــڪ جـــا ســـاماڻا،
ڏينهـــــــون ڏيـــــــنهن اجهاڻـــــــا.

ڪافي: 100

مـــــارو ملنـــــدم شـــــال، اميـــــد نـــــ لاهيـــــان.

مـــاڻهو ميـــر ملـــڪ منهنجـــي جـــا، ايـــڏا ســـندن اعتبـــار،
وينـــــي وات واجهايـــــان، اميـــــد نـــــ لاهيـــــان.

پَـــــٽ پٽيهـــــر بافتـــــا، لـــــوئي ابـــــاڻي ليـــــڙ،
هـــــت ڪيـــــئن لڄايـــــان، اميـــــد نـــــ لاهيـــــان.

اهـــڙا "عثمـــان" پنهـــوار پـــٽن تـــي، مـــارن چوڙيـــا مـــال،
بينـــــي بـــــر ۾ ورايـــــان، اميـــــد نـــــ لاهيـــــان.

ڪافي: 101

مَـن ۾ بـاري وئـين مـڃ، جانـب اڇ، تـو لاءِ سـاهُ سِـڪي ٿـو.

سـڃو آهـين سـپرين، ڪـوڙ سـپ مـون ۾ ڪَـڇُ،
جانـب اڇ تـو لاءِ سـاهُ سِـڪي ٿـو.

اڇـي ويهـج اوڏرو، ڳـالهيون ڳرهيـون ڪـي ڳـڇُ،
جانـب اڇ تـو لاءِ سـاهُ سِـڪي ٿـو.

وحـدت واري ويڙهـ ۾، ڪثـرت پـائنج مَ ڪَـڇُ،
جانـب اڇ تـو لاءِ سـاهُ سِـڪي ٿـو.

هـر جـاءِ "عثمـان" چئـي، رمـز انهـيءَ ۾ اَڇـي رَڇُ.
جانـب اڇ تـو لاءِ سـاهُ سِـڪي ٿـو.

ڪافي: 102

نـــــازڪ نيـــــٽن ســـــاڻ، دلبـــــر دلـــــڙي لٽـــــين ٿـــــو.

نـــــيڙ ســـــڇڻ تنهنجـــــا، نـــــوان نـــــوان بـــــالا،
